


رکی قرب الاهي جا مدارج طئہ ڪرايان تہ اها وڏي نيڪي ٿيندي.

هن ڪجهہ سوچي چيو، " تو کي ڏهن سالن تائين هن باغ جي سار سنڀال ڪرڻي پوندي ۽ نفس کي مارڻو پوندو. تڏهن توکي صوف بابت معاف ڪرڻ لاءِ سوچيندس."

" مونکي منظور آهي. صوف توهانجي امانت هو. توهان ان جو جيڪو ڏنڊ وٺو."

ابوصالح اها شرط منظور ڪندي باغ جي سار سنڀار شروع ڪري ڇڏي. سڄي رات جاڳندي باغ جي سار سنڀار بہ ڪندو هو تہ اڪيلائيءَ جو فائدو وٺندي هو خدا جي عبادت پڻ ڪندو هو. ڏينهن ۾ ٿوري دير آرام ڪري سيد عبدالله جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو.

سيد عبدالله جي صورت ۾ هن کي هڪ رهبر ڪامل ملي ويو هو. هو ان جي نگرانيءَ ۾ سلوڪ جون منزلون طئہ ڪري رهيو هو. ايستائين جو هن کي ڏهہ سال ٿي ويا.

شرط جو مدو پوري ٿيڻ تي هن عبدالله کي وڃي چيو، " مان توهان جو شرط پوري ڪيو آهي. ڏهہ سال گذري ويا آهن. هاڻي مونکي معاف ڪيو."

" نہ! اجا بہ سال وڌيڪ منهنجي خدمت ڪر. پوءِ ان بابت سوچيندس."

ابوصالح هن جي اها خواهش بہ پوري ڪئي. جڏهن بہ ٻيا بہ سال گذري ويا تہ سيد عبدالله موصعي هن کي گهرايو. هو خوشي خوشي هن وٽ آيو.

| |
|---|
| نالو: سيد عبدالقادر |
| ڪنيت: ابو محمد |
| لقب: محي الدين |
| والد: سيد ابو صالح |
| والده: سيده ام الخير فاطمہ |
| اولاد: ويهہ پٽ ۽ 29 نياڻيون |
| وطن: جيل جيلان يا گيلان |
| رهائش: بغداد |
| ڄمر جي تاريخ پهرين رمضان المبارڪ 470 هہ يا 472 هہ |
| وفات: 561 هہ (9، 10، 11، يا 17 ربيع الثاني) • |
| مزار مبارڪ: بغداد |
| شجره نسب: حضرت عبدالقادر جيلانيءَ جو نسب جو سلسلو ڀيءُ جي طرفان ٻارنهن واسطن سان ۽ اهو واسطو ماءُ جي طرفان امير المؤمنين حضرت علي ڪرم الله وجهہ سان وڃي ملي ٿو. |
| علمي لکڻيون: غنيت الطالبين، فتوح الغيب، فتح رباني، مڪتوبات سبحاني، ديوانِ غوث اعظم، قصائد |

هاڻي هو آجو ٿيڻ وارو هو." پٽ! تون منهنجي ڇيل پهرين آزمائش تي تہ پورو لٿو آهين. هڪ ٻي خدمت اجا بہ باقي آهي. اها هيءَ تہ منهنجي هڪ ڌيءُ آهي، جيڪا منڌي آهي. هٿن ڪان محروم ۽ ڪنن کان ٻوڙي ۽ اکين کان انڌي آهي. ان کي پنهنجي نڪاح ۾ قبول ڪر. پوءِ مان توکي صوف بخش ڪندس."

اهو شرط ڏاڍو ڪڙو هو. اهڙي معذور ڇوڪريءَ کي ڪير بہ نڪاح ۾ وٺڻ لاءِ تيار نہ ٿي ٿي سگهيو، پر

ٻار ماءُ جو کير پيتو ۽ بيخبر ٿي سمهي پيو. ڏينهن ٽيڻ ڪري سندن ماءُ هن جي بک جو خيال ڪري کير هن جي وات تي رکيو، پر هن منهن ڦيري پاسي ڦيري ڇڏيو. گهڻي ڀيرا ائين ٿيو تہ هن سوچيو تہ شايد هن کي بک ناهي لڳي. روئيندو تہ پوءِ کير ڏينديس.

منجهند جو ٻيهر خيال آيس. ٻارڙو اڃا تائين ماٺ ۾ هو. هوءَ گهر جو ڪم ڇڏي ڊوڙندي ٻار ڏانهن آئي. گلاب ٽڙيل هو. ٻار جي چپن تي مرڪ هئي. هن ڪوشش ڪئي تہ ٻار کير پيئي. ٻار هڪ دفعو ٻيهر منهن ڦيري ڇڏيو. هاڻ هوءَ پريشان ٿي وئي. ننڍڙو ايڏي دير کان بکايل هو. هن پنهنجي مڙس کي اها ڳالهہ ٻڌائي. هن بہ ان ڳالهہ جو مشاهدو ڪيو. هن جي دل تي سڀ ڪجهہ چٽو ٿي ويو.

" هيءُ ٻارڙو مادرزاد ولي آهي. ان جي بشارت مون کي اڳ ۾ ئي ملي آهي. تون پريشان نہ ٿيءُ. هيءُ بہ روزي سان آهي. افطار جي وقت هيءُ بہ افطار ڪري وٺندو." ماءُ، ٻار کي خوشيءَ مان چمندي رهي. هن کي هنج ۾ کڻي هن کي وندرائيندي رهي. ٻار سوچيو هوندو تہ ماءُ کي مصروف ڇو رکي. هن کي ڪيترائي ڪم آهن. هن هوريان هوريان اکيون بند ڪيون ۽ سمهي رهيو.

افطار جو وقت ٿيو تہ سيده فاطمہ روزو افطار ڪيو ۽ ننڍڙي عبدالقادر کي سيني سان لاتو ۽ هاڻي ٻار کي کير پيئڻ ۾ ڪو عار نہ هو. هن ڍءُ ڪري کير پيتو. سڄي رمضان ۾ اها حالت رهي. هو ڏينهن جي وقت کير نہ پيئندا هئا. جڏهن افطار جو وقت ٿيندو هو تڏهن کير پي روزو ڇوڙيندو هو. سيد عبدالقادر جيلاني اهو رمضان پورو روزي سان گذاريو. شروع کان آخر تائين سڄو ڏينهن روزو رکندا هئا ۽ افطار کان پهرين کير بلڪل نہ پيئندا هئا ۽ نہ عام ٻارن جيان روئندا رڙندا هئا. گل اڃا ٽڙيو نہ هو، پر هن جي سڳنڌ جو چرچو چئني پاسي پکڙجي ويو.

سڄي علائقي ۾ هن جي روزو رکڻ جو چرچو هو. ماڻهو پري پري کان ان ٻارڙي جو ديدار ڪرڻ لاءِ اچڻ لڳا.

سمجهہ وارو ٿيڻ ڪانپوءِ هو گهر کان ٻاهر نڪرڻ ۽ عام ٻارن جيان گهٽيءَ ۾ کيڏڻ هن کي پنهنجي شان جي خلاف لڳندو هو. شام ٿيندي ئي گهٽيءَ ۾ ٻار گڏ ٿي کيڏندا هئا، پر ڪنهن کي اڄ تائين اها خبر نہ هئي تہ هن گهر ۾ ڪو ٻار عبدالقادر جي نالي سان بہ رهي ٿو.

عبدالقادر ڪانپوءِ الله تعاليٰ، سيده فاطمہ کي ۽ ابو صالح کي هڪ ٻيو پٽ بہ عطا ڪيو، پر عبدالقادر جهڙو وقار ۽ منصب ڪنهن کي نہ مليو. هر ماءُ جيان هن جي ماءُ کي بہ شوق هو تہ هن جو پٽ بہ ٻين ٻارن سان ملي ڪري کيڏي. هوءَ هر شام هن کي منٿون ڪندي هئي تہ ٻاهر وڃي ٻارن سان کيڏ. هڪ سال ڪانپوءِ هو گهر کان نڪتو ۽ هڪ پاسي ويهي کيڏندڙ ٻارن کي ڏسڻ لڳو. هڪ

ٻار عبدالقادر کي ٻہ ڪيڏڻ لاءِ چيو. هن جي زبان تي انڪار آيو. پر هو ڪيڏڻ لاءِ اڳتي وڌيو. اوچتو هڪ آواز هن کي ٻڌڻ ۾ آيو." برڪتن وارا مون ڏانهن اچ... برڪتن وارا مونڏانهن اچ...."

اهو آواز ٻڌي هن کي ايڏو ڌڪ ٿيو جو هو ڏڪڻ لڳو. ڳچيءَ ۾ پيل رومال ائين ڏکي رهيو هو. ڄڻ تيز هوا هجي. ٻار حيران هئا تہ عبدالقادر کي ڇا ٿيو؟ پوءِ هو ڊوڙندو گهر ويو ۽ ماءُ جي هنج ۾ منهن لڪائي ڇڏيائين.

ماءُ خيال ڪيو تہ شايد ڪنهن ٻار ڪيس ڪجهہ چيو اٿس." ڇا ٿيو؟ ٻارن سان ڪو جهيڙو ٿيو آهي؟"

" نہ! ٻار تہ تمام سٺا آهن. هو تہ مونکي راند ڪڏڻ لاءِ چئي رهيا هئا."

" پوءِ ڇا ڳالهہ آهي؟ تون ڏکي ڇو رهيو آهين؟ رنگ پيلو ٿي ويو اٿئي."

" جڏهن مون ٻارن سان ڪيڏڻ جو ارادو ڪيو تہ هڪ آواز مون کي ڊيڄاري ڇڏيو."

" ڪهڙو آواز پٽ؟ "

" ڪو مونکي چئي رهيو هو. برڪت وارا هيڏانهن اچ. اهو ڪير هو امان؟"

" الله تعالي شايد توکي راند ڪرڻ کان پري رکڻ ٿو چاهي. غلطي منهنجي هئي جو مون توکي ڪيڏڻ لاءِ چيو. توکان الله تعاليٰ ٻيو ڪو ڪم وٺڻ ٿو چاهي. ٻيهر راند لاءِ سوچجانءِ بہ نہ." سيده فاطمہ چيو ۽ الله جي بارگاهہ ۾ پنهنجي پٽ لاءِ دعاگو ٿي وئي." اي الله! منهنجي ٻچي کي هر امتحان ۾ ڪامياب ڪجانءِ. مونکي خبر آهي تہ جنهن راهہ جو هو راهي آهي، اهو آزمائشن سان ڀريل آهي. تون هن کي ثابت قدم رکجانءِ."

ان واقعي ڪانپوءِ سيد عبدالقادر جي تربيت هڪ نئين انداز سان ٿيڻ لڳي. هن کي هاڻي مستقبل جي آزمائش لاءِ تيار ڪرڻ جي ضرورت هئي.

☆☆☆

پهرين آزمائش تڏهن ظاهر ٿي، جڏهن هن جو پيءُ ابو صالح اوچتو گذاري ويو. هن هوش بہ نہ سنڀاليو هو جو يتيم ٿي ويو. خوشقسمتيءَ سان سندس ناني کين سنڀاليو. جيڪو ان وقت تائين حيات هو ۽ وقت جو وڏو ولي هو. اهو سندس ئي فيض هو جو ابوصالح علم جي بلندين کي ڇهي ورتو هو. هاڻي عبدالقادر جيلانيءَ جو هن جي شفقت هيٺ اچڻ جي ڪنهن غيبي اسرار جي نشاندهي ڪري رهيو هو.

حضرت عبدالله موصعي جو ڪو پٽ نہ هو. هن پنهنجي سڄي شفقت پنهنجي يتيم ڏهٽي لاءِ وقف ڪري ڇڏي. هن جي روحاني طاقت ڪيس ٻڌائي ڇڏيو هو تہ ان معصوم جي پيشانيءَ تي نور چمڪي رهيو آهي.

مڪتب وڃڻ کان اڳ مرشد عارف جي خاص تربيت گاهہ ۾ هنن اسرارِ الاهي جي ڪيترن گوشن جو سير ڪيو ۽ جڏهن ظاهري علم کان واقفيت جو وقت آيو تہ سندن والده کين مڪتب ۾ ويهاريو.

ان ڏينهن بہ هميشہ جيان تارن جي چانوَ ۾ کيس اٿاريو ويو. کيس سينگاري تيار ڪري مڪتب موڪليو ويو. اڃا هو گهران نڪتو تہ نوراني چهرن جو هجوم هن جي ڪَبي، سڄي هلڻ لڳو. نوڪر ساڻن گڏ هو. جنهن ڪري ڊڄڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو. مڪتب ويجهو آيو تہ هن جي دل علم حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ ڌڙڪڻ لڳي. مڪتب ۾ قدم رکيائين تہ نوراني چهرا سڌي سڌي چوڻ لڳا. "الله جي وليءَ کي جاءِ ڏيو. الله جي وليءَ کي جاءِ ڏيو."

پاڻ حيران هئا تہ اهي سڀ آواز ٻيا ماڻهو ڇو نہ ٻڌي رهيا آهن ۽ جيڪي شڪليون هو ڏسي رهيو هو، ٻيا ماڻهو ڇو نہ ٿا ڏسن. هو انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ هئا تہ شفيق استاد هٿ وڌائي سندس آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ پنهنجي ويجهو ويهاريو. استاد کي جيتوڻيڪ هن جي عظمت جي خبر نہ هئي، پر هو ڄاڻندو هو تہ هي ٻار ضرور ڪنهن بابرڪت خاندان مان آهي. ابو صالح جي اولاد ۾ ڪنهن کي شڪ هو. حضرت عبدالله صومعي کان ڪير واقف نہ هو.

ٻار معصوميت منجهان استاد ڏانهن نهاريو ۽ استاد جي دنيا بدلجي وئي. هن کي لڳو تہ هن جو سينو علم جي خزاني سان ڀرجي ويو آهي. هي ٻار تعليم ڏيڻ آيو هو يا وٺڻ...

ٻئي ڏينهن مڪتب ويو تہ کيس ٻيهر اهي نوراني چهرا ڏسڻ ۾ آيا ۽ آواز ٻڌڻ ۾ آيا" الله جي وليءَ کي ويهڻ لاءِ جاءِ ڏيو." جڏهن اهو سلسلو ڪيترا ڏينهن هلندو رهيو تہ هن پنهنجي ماءُ کي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌايو. ماءُ جي مک تي خوشيءَ جا ڪيترا ئي رنگ آيا. "منهنجا ٻچا! انهن آوازن کان نہ ڊڄ. اهي الله جا فرشتا آهن، جيڪي تنهنجي نگراني ڪن پيا. خبردار! اهڙو ڪو ڪم ڪيو اٿئي جو انهن فرشتن کي شرمندگي ٿئي. دين جو علم حاصل ڪر ۽ سدائين سچ ڳالهاءِ. اها ئي منهنجي نصيحت آهي."

پاڻ پنهنجي امڙ جي نصيحت کي غور سان ٻڌائون ۽ هر ڊپ کي دل مان ڪڍي ڇڏيو. هاڻ پاڻ تعليم جون منزلون طئہ ڪري رهيا هئا. شروع وارا ڏينهن هئا. مڪتب جون ٻيتيون هنن جي اچڻ سان جرڪي رهيون هيون تہ شفيق نانا سائين وفات ڪري ويس. هاڻي تربيت جو سڄو بار سندن امڙ جي ڪلهن تي اچي ويو.

سندن ماءُ بہ اهڙي ملي هئي، جيڪا هر ڳالهہ ۾ علم جو خزانو هئي. زندگيءَ جو هڪ هڪ پل عبادت الاهيءَ ۾ گهاريو هئائين. هن مڙس جي وفات ۽

## فرق

ارسطو کان ڪنهن پڇيو تہ عالم ۽ جاهل ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

هن جواب ڏنو، "جاهل عالم کي نہ ٿو سڃاڻي ڇو تہ هو ڪڏهن بہ عالم نہ رهيو آهي پر عالم جاهل کي سڃاڻي ٿو ڇو تہ هو خود جاهل رهي چڪو آهي.

ڪجھ آهي،" امڙ چئي هڪ ٿيلهي ڪڍي آئي، " تنهنجي پيءُ مرحوم جي ڇڏيل ملڪيت مان مون وٽ اسي دينار آهن. چاليھ دينار تنهنجي ڀاءُ لاءِ رکان ٿي ۽ چاليھ سفر لاءِ توکي ڏيان ٿي." امڙ اهي دينار سندن ڪيسي ۾ سبي ڇڏيا تہ جيئن اهي محفوظ رهن. پاڻ هڪ دفعو ٻيهر امڙ کان نماڻائيءَ سان موڪل گهري، " منهنجا جگر جا ٽڪرا! منهنجي هڪ نصيحت، هميشہ ياد رکي ڇڏي. سچ ڳالهائجانءِ ۽ ڪوڙ جي ويجهو بہ نہ ويجانءِ."

" امان سائڻ! مان واعدو ٿو ڪيان تہ ايئن ئي ڪندس."

ان ڪانپوءِ ڪنهن وٽ ڪجھ بہ چوڻ لاءِ نہ هو. عجيب منظر هو. ماءُ جي پوڙهين اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا. شايد ان خيال کان تہ هوءَ ڪيس ٻيهر ڏسي نہ سگهندي. هوءَ ڪيس موڪلائڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪري آئي." وڃ! توکي خدا جي حوالي ڪيو. اهو ئي تنهنجو نگهبان آهي."

قافلو سفر لاءِ تيار هو. بس سندن انتظار هو. سندن پهچندي ئي قافلو سفر لاءِ روانو ٿي ويو.

ڦورن کان بچڻ لاءِ اڳواٽ انتظام ڪيو ويو هو. پوءِ بہ ڊگهي سفر ۾ خطري کان هر ماڻهو ڊنل هو. اهو قافلو سفر ڪندو جڏهن همدان پهتو تہ سيني سک جو ساھ کنيو. ڪجھ ڏينهن جي سفر کانپوءِ هي قافلو همدان کان روانو ٿيو. بيابان ڪوهستاني علائقو هو. هي خطري وارو آخري علائقو هو. ان ڪانپوءِ بغداد پري نہ هو.

"ٻڌو! اسان هن مهل احمد بدوي ڌاڙيل جي علائقي مان لنگهي رهيا آهيون."

" الله اسان جي مدد ڪندو."

" توهان ڇو پيا ڊڄو؟" هڪ ٻئي ماڻهوءَ چيو،" قافلي ۾ اهڙا وڙهڻ وارا بہ آهن، جيڪي ان ڌاڙيل جو مقابلو ڪري سگهن ٿا."

" خدا ڪري تنهنجو اندازو درست هجي. پر احمد بدوي جو ٽولو ڏاڍو خطرناڪ آهي."

"الله مالڪ آهي."

ٿوري دير ڪانپوءِ ماٺ ٿي وئي. جانور ڪنڌ هيٺ ڪري هلي رهيا هئا، ڇڻ ڪين ڪنهن خطري جو احساس ٿيو هجي. اوچتو جبلن پٺيان ڌاڙيل ظاهر ٿيا. اهو حملو ايڏو تہ اوچتو هو جو ڪير بہ پاڻ کي سنڀالي نہ سگهيو. اهو سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي تہ اهو احمد بدوي ڌاڙيل جو جٿو هو. جيڪو هنن تي ٽُٽي پيو هو. انهن طاقتور ڌاڙيلن سان وڙهڻ جي همت ڪنهن ۾ نہ هئي. ائين سڄو قافلو پٿر جيان هڪ جاءِ تي بيهي رهيو. نہ مقابلي جي طاقت هئي ۽ نہ ڀڄڻ جي.

ڌاڙيلن قافلي کي ڪمزور ڏسي ڪري ڪين ڦرڻ شروع ڪيو. هر ماڻهوءَ جو مال ملڪيت ڦري هڪ جاءِ تي ڍير ڪندا رهيا. عبدالقادر جيلاني هڪ پاسي بيهي آرام سان اهو سڀ تماشو ڏسي رهيو هو. چهري تي نہ خوف هوس ۽ نہ

ڪا پريشاني. ڪنهن ڦوروءَ ڪيس ڇوڪرو سمجهي ڪجهه نه ڇيو.

ايتري ۾ هڪ ڦوروءَ جي نظر مٿن پئي، " او ڇوڪرا! تو وٽ به ڪجهه آهي ڇا؟" ڦوروءَ ٺوڪ مان ڪائنس پڇيو.

" ها! مون وٽ چاليهه دينار آهن."

ڦوروءَ اهو ٻڌي وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ ٻئي ساٿيءَ کي چيو، " ٻڌ! هي ڇا چئي پيو. چوي ٿو ته هن وٽ چاليهه دينار آهن."

ٻئي ڌاڙيل ڪائنس پڇيس، " ڇا تون سچ پيو چوين؟ تو وٽ واقعي به چاليهه دينار آهن؟"

" مان ڪوڙ ڇو ڳالهائيندس. مون ڇيو ڪو نه ته مون وٽ چاليهه دينار آهن."

" هي ته ڪو ڏاڍو عجيب ڇوڪرو آهي. هن کي سردار وٽ وٺي هل. هو پاڻ هن جي تلاشي وٺندو."

ڦورو هن کي وٺي سردار وٽ آيو ۽ ان کي سچي ڳالهه ڪري ٻڌائي. ڌاڙيل ڪيس مٿي کان وٺي پيرن تائين ڏنو ۽ ڪائنس پڇيو، "ڇوڪرا سچ ٻڌاءِ ته تو وٽ ڇا آهي؟" "مون پهرين به تنهنجن ٻن ساٿين کي ٻڌايو آهي ته مون وٽ چاليهه دينار آهن." "ڪٿي آهن؟ ڪڍي ڏيکار."

" منهنجي قميص ۾ سبيل آهن."

سردار قميص اڌيڙي ته ان مان واقعي چاليهه دينار نڪتا. هو ان کي يوڳ سمجهي رهيا هئا. تلاشيءَ مهل هن کان ڪجهه به نه نڪتو هو. هو چاهي ها ته اهي دينار لڪائي سگهي ها.

" ڇوڪرا توکي خبر آهي اسان ڦورو ۽ ڌاڙيل آهيون. مسافرن کي ڦريندا آهيون. پوءِ به توکي ڪو ڊپ ناهي."

" مان خدا ڪانسواءِ ڪنهن کان به نه ٿو ڊڄان."

توکي ڊپ نه هو ته اسان توکان اهي دينار ڦري وٺنداسين؟ تو ان بابت اسانکي ڇو ٻڌايو؟ تون اهي لڪائي به سگهين پئي؟"

" منهنجي امڙ گهر کان نڪرڻ مهل مونکي نصيحت ڪئي هئي ته سچ ڳالهائجانءِ. ڀلا امڙ جي نصيحت انهن چاليهه دينارن کان مٿي آهي ڇا؟"

" تون انهن دينارن ڪانسواءِ بغداد ڪيئن ويندين؟"

" خدا رازق آهي. اهو گهڻو ڪجهه ڏيندو."

اهي لفظ نه هئا، حق ۽ صداقت جي ترڪش مان نڪتل تير هئا، جيڪي هنن جي واتان نڪتا ۽ احمد بدويءَ جي سيني ۾ کپي ويا. هن جي اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا، "تون بار ٿي ماءُ سان ڪيل عهد پاڙيو. افسوس آهي مان پنهنجي رب جو ڪيل عهد ٽوڙيندو رهيس."

احمد بدويءَ جي دنيا بدلجي وئي. هو رڙيون ڪري روئي رهيو هو. ڪڏهن اٿي بيٺو ته ڪڏهن ويٺو پئي. هن پنهنجي قميص ڦاڙي ڇڏي ۽ سندن قدمن تي ڪري معافي ورتي ۽ ڦرلٽ کان توبه ڪري ڇڏي.

# صبر

حضرت سليمان عليہ السلام جي زماني ۾ هڪ ماڻهوءَ هڪ خوبصورت ۽ خوش نظر پکي خريد ڪيو. جڏهن ان کي پڃري ۾ وڌو ويو ته اتي هڪ ٻيو پکي اڏامي اچي ان پڃري تي مٿي اچي ويٺو ۽ پنهنجي زبان ۾ ڪجهه چئي هليو ويو. ان کان پوءِ پڃري ۾ قيد پکيءَ ڪجهه ڳالهائڻ ۽ ٻولهائڻ بلڪل بند ڪري ڇڏيو. مالڪ جڏهن اهو ڏٺو ته هي سليمان عليہ السلام جي دربار ۾ اچي ساڻس پکيءَ جي شڪايت ڪئي. حضرت سليمان عليہ السلام پڃرو گهرايو ۽ پکيءَ کان پڇيو "تنهنجي مالڪ توکي قيمت ڏيئي خريد ڪيو آهي. هن جو تو مٿان حق آهي. ٿو ڇو ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. پکيءَ جواب ڏنو ته "حضور هن کي ڇئي ڇڏيو ته منهنجو خيال ڪرڻ ڇڏي ڏي. مان جيستائين پڃري ۾ بند آهيان، ڪڏهن به نه ڳالهائيندس. "پاڻ فرمايائون، "ڇو؟" هن جواب ڏنو ته "حضور مان وطن ۽ ٻارن ٻچن جي محبت ڪري روئندو هيس ته منهنجي هڪڙي يار اچي مون کي چيو ته اي نادان، روئڻ پٽڻ کي ڇڏي ڏي نه ته عمر ڀر پيو پڃري ۾ قيد رهندي. صبر ۽ سڪون اختيار ڪري ته ڏس. تون آزاد ٿئين ٿو يا نه."

سليمان عليہ السلام ان شخص کي اهو جواب بيان ڪيو.

ان چيو ته، "پوءِ هن کي آزاد ڪري ڇڏيو. مان ته هن کي پنهنجي دل خوش ڪرڻ لاءِ خريد ڪيو هو. تنهن ڪري سليمان عليہ السلام پنهنجي هٿ وٽان هن پکيءَ کي خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيو."

"مان سالن کان خدا جي مخلوق کي ڦري رهيو آهيان. ڪيترن مظلومن جون بددعائون آهن مونکي. ڇاڪاڻ ته اهو گناهه آهي، پوءِ به نه ٿو مڙان. پر هاڻي رب منهنجيون اکيون کوليون آهن. مان توکي شاهد ڪري ان پيشي کان توبه ڪيان ٿو." پوءِ هن پنهنجن سائين کي چيو." اڄ کان پوءِ توهان سان منهنجو ڪو واسطو ناهي. توهان جيڏانهن وڻي وڃو."

هن جي سائين سردار جو اهو حال ڏٺو ته هنن جون دليون به ميڻ ٿي ويون." سردار تون ڦرلٽ ۾ اسان جو سردار هئين ۽ توبه ڪرڻ ۾ به اسان جو سردار آهين. اسان به ان ڪم کان توبه ڪئي."

سڄي گروهه توبه ڪئي ۽ قافلي کي سڄو مال ملڪيت موٽائي ڏنو. قافلي وارن اهو منظر اکين ڏٺو. ڄڻ خواب ڏسي رهيا هجن. جڏهن هوش آيو ته سڀ سندس ٿورائتا ٿيا. قافلي ٻيهر سفر شروع ڪيو ۽ خير سان بغداد پهتو.

پاڻ بغداد ۾ داخل ٿيا ته چاليهه دينارن مان ڪجهه خرچ ٿي ويا هئس ۽ ڪجهه ڪيسي ۾ پيل هئس. پاڻ الله تي ڀروسو ڪيو ۽ جنهن مقصد لاءِ آيا هئا، ان ۾ مصروف ٿي ويا.

نظاميه مدرسي ۾ داخل ٿيا ته ننڍڙو پٽڪو مٿي تي هوس ۽ هڪ جبو اوڍيل هوس. ڀري جوانيءَ ۾ زاهدن جو نشان فقر...

استادن کين هٿوهٿ کنيو ۽ جڏهن کين اها خبر پئي ته هي اهو نوجوان آهي، جنهن جي سچ ڳالهائڻ ڪري سڄي قافلي جي جان بچي وئي هئي ته استادن جي نظر ۾ هن جو احترام اڃا به وڌي ويو.

نظاميہ مدرسو اسلامي دنيا منجهہ علم ۽ فنون جو مرڪز هو. وڏا وڏا نالي وارا استاد ان مدرسي ۾ هئا. پاڻ خدا جو شڪر ادا ڪيائون تہ صحيح جاءِ تي پهتا آهن. پاڻ دل لڳائي تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪيائون.

☆☆☆

488 ھ ۾ جڏهن عبدالقادر جيلاني بغداد پهتا تہ اسلامي دنيا طرح طرح جي فتنن ۾ ورتل هئي. هڪ پاسي "فتنو خلق قرآن" ۽ باطني تحريڪ جي روپ ۾ مسلمانن لاءِ ايمان جو خطرو بڻيل هئا تہ ٻئي پاسي نام نهاد عالم ۽ نام نهاد صوفي ماڻهن جي دين ۽ ايمان تي ڌاڙو هڻي رهيا هئا. مرڪز اسلام بغداد انهن فتنن ڪري سڀ کان گهڻو متاثر ٿيل هو. بدڪاري، بدنظمي ۽ منافقت جي بيگهي متل هئي. سلجوقي پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا. جنهن سلطان جي طاقت وڌي ويندي هئي، بغداد ۾ ان جي نالي جو خطبو پڙهيو ويندو هو. عباسي خليفو ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿي سگهيو. ڪنهن حق چوندڙ جي عزت محفوظ نہ هئي. عبدالقادر جيلاني بغداد پهچندي ئي حالتن جو جائزو ورتو تہ پاڻ کي بيوس محسوس ڪيائين. اجا هن جي تعليم پوري نہ ٿي هئي. پاڻ ماڻهن کي اخلاقي برائين کان محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. جيڏانهن ويندا هئا، اتي برايون عام هيون. ڪجهہ ڏينهن ۾ سندن دل پرجي وئي. تعليم اڌ ۾ ڇڏي وڃي بہ نہ ٿي سگهيو. هاڻي هڪ ئي صورت هئي تہ دل لڳائي تعليم حاصل ڪندا رهن ۽ حالتن کان پري رهن.

هڪ ڏينهن هن جي دل اهڙي تہ پرجي وئي جو سبق کان واندا ٿي جهنگ منهن ڪيائون. پڙهڻ ۾ اهڙا تہ مصروف ٿيا جو هوش ئي نہ رهيو ۽ اونداهي ٿي وئي. هاڻي ڪتابن مان لفظ گم هئا. پاڻ ڪتاب هڪ پاسي رکي دجلہ نديءَ جي ڪناري پهتا. جڙي ٻوٽين ۽ ٻوٽا پري تائين پکڙيل هئا. انهن جڙي ٻوٽين سان بک اجهائي ۽ پاڻيءَ سان وضو ڪري عبادت ۾ مصروف ٿي ويا. رات گهري ٿي تہ شهر ڏانهن موٽڻ بدران ان ڌرتيءَ کي بستر ناهي آرام ڪرڻ لاءِ سمهي رهيا.

ان رات سندن طبيعت ۾ شامل زهد کي اهڙو سڪون مليو جو پوءِ اهو سندن روز جو معمول بنجي ويو. سبق کان واندا ٿي جهنگ ڏانهن هليا ويندا هئا. بيابان ۾ رات گهاريندا هئا. ڌرتي بستر ۽ سر يا پٿر وهاڻو. طوفان، اونداهي، سردي، گرمي، هر شيءِ کان بي نياز ٿي اڳهاڙين پيرين رات جي اڪيلائين ۾ جهنگ جهاڳيندا هئا ۽ جڙي ٻوٽيون سندن کاڌو هيون.

انهن مصيبتن جي لذت کان واقف ٿيندي ڪجهہ ڏينهن ٿيا هئا جو بغداد ۾ ڏڪر اچي ويو. ماڻهو ان جي هڪ هڪ داڻي لاءِ سڪندا رهيا. حالت اها ٿي جو ماڻهو ٻوٽن ۽ پنن سان پيٽ ڀرڻ تي مجبور ٿي ويا. شهر ڇڏي جهنگ ڏانهن ڊوڙيا. جڙي ٻوٽيون، وڻ جا پن پٽي کائڻ لڳا. عبدالقادر جيلانيءَ جو گذران انهن تي هو.

هاڻي انهن پنن جو ملڻ بہ مشڪل هو.

پاڻ دجلہ ڪناري ويندا هئا تہ اتي اڳي ئي ماڻهن جي پيهہ پيهان هوندي هئي. پاڻ صبر ڪري موٽي ايندا هئا. سندن همت نہ ٿيندي هئي تہ ماڻهن ڪان ڪس ڪوهہ ڪن. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ڏينهن لنگهڻ ڪاٽيائون. برداشت جي طاقت بہ ختم ٿي وئي. بغداد جي هڪ بازار ويجهو مسجد وٽ پهتا تہ پيرن هلڻ کان انڪار ڪيو. تابڙجندي مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيا. سڪون تہ الله جي گهر ۾ ملندو آهي. پر ڪمزوري اهڙي هئي جو ويهڻ بہ مشڪل هو. پاڻ فرش تي ليٽي پيا. ڪجهہ دير انهيءَ حالت ۾ رهيا تہ هڪ ماڻهو گوشت ۽ ماني ڪٺي مسجد ۾ آيو ۽ هڪ پاسي ويهي کائڻ لڳو.

اهو منظر ڏسي ڪيس بک وڌيڪ ستايو. بي اختيار سندن دل چاهيو تہ اتي ڪري انهيءَ ماڻهوءَ سان گڏ ماني کائي، پر پنهنجي نفس کي ملامت ڪئي تہ بي صبر نہ ٿي. خدا تي توڪل رک. هو پاڻ ڪو انتظام ڪندو.

پاڻ ان ماڻهوءَ کان بي نياز ٿي اکيون ٻوٽي ڇڏيائون. هن ماڻهوءَ جي نظر مٿن پئي. الله هن جي دل ۾ وڌو. هن پاڻ کين دعوت ڏني. پهرين تہ پاڻ انڪار ڪيائون. نيٺ هن جي زور ڀرڻ تي پاڻ غيبي اشارو سمجهي دعوت قبول ڪيائون. هن سان گڏ ماني کائڻ لڳا.

"توهان بغداد جا نہ ٿا لڳو." هن کانئن پڇيو.

"توهان صحيح اندازو لڳايو. مان جيلان جو رهاڪو آهيان ۽ هت علم حاصل ڪرڻ لاءِ ترسيل آهيان."

" اڙي! اها تہ تون خوشخبري ٻڌائي. مان بہ جيلان جو رهاڪو آهيان."

" اها تہ سچ بہ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي."

" تون ايترو وقت هتي رهيل آهي. جيلان جي رهاڪو عبدالقادر کي بہ سڃاڻندو هوندين. هو بہ علم حاصل ڪرڻ لاءِ هتي آيو آهي."

" اهو عبدالقادر تہ مان ئي آهيان."

"ياءِ! مان تنهنجي امانت ۾ خيانت ڪئي آهي. خدا جي واسطي مون کي معاف ڪر." اهو ماڻهو روئڻ لڳو. هن جا لڙڪ وهڻ لڳا.

"ياءِ! ڪهڙي امانت ۽ ڪهڙي خيانت... پنهنجي ڳالهہ جي ٿوري وضاحت ڪر. تون مونکي منجهائي وڌو آهي."

" توهان جي امڙ منهنجي هٿان توکي اٺ دينار موڪليا هئا. مان ڪيترائي ڏينهن توکي ڳوليندو رهيس تہ جيئن تنهنجي امانت توکي ڏيان. پر تنهنجي ڪا خبر نہ هئي. منهنجو ذاتي خرچ ختم ٿي ويو. ڳالهہ لنگهڻ تائين پهتي. توکي تہ خبر آهي اڄ ڪلهہ هتي بغداد ۾ اناج سون جي اگهہ تي ملي ٿو. مون بک کان مجبور ٿي تنهنجي امانت مان ماني ورتي. مون کي ان گناهہ عظيم لاءِ معاف ڪر."

" تون منهنجي وڏي ڀاءُ جهڙو آهين." پاڻ هن کي ڀاڪر پاتو. "ڪنهن جو

ڪجهه ناهي. سڀ ڪجهه الله جو ڏنل آهي. تو جيڪو ڪجهه خرچ ڪيو، مان ان لاءِ تو کي سچي دل سان معاف ڪيان ٿو."

اهو ماڻهو سندن سهڻي سلوڪ کان ڏاڍو متاثر ٿيو. پاڻ هن کي دلاسو ڏنائون. هن ماڻهوءَ امانت وارن دينارن مان ڪجهه دينار کين ڏنا ۽ پاڻ کين محبت مان موڪلايو.

انهن دينارن مان ڪجهه ڏينهن بيا به لنگهي ويا. پر ان ايڏو ته مهانگو ٿي ويو هو جو اهي پئسا گهٽو ساٿ نه ڏئي سگهيا. ڪيترن ڏينهن کانپوءِ ساڳ جا ڪجهه پن يا ٻوٽا ملندا هئس ته ڪجهه وقت گذري ويندو هوس. پرديس ۾ ڪنهن کان قرض وٺندي به لڄ ٿيندي هئس. پنهنجو حال ظاهر ڪرڻ کانسواءِ علم حاصل ڪرڻ ۾ رڌل رهيا.

دنياوي قرض گهرندي ته کين لڄ ٿيندي هئي، پر علم جي خيرات طلب ڪرڻ ۾ کين ڪو عار نه هو. مدرسي کان ٻاهر به ڪنهن استاد جي مشهوري ٻڌندا هئا ته ان وٽ وڃي جهولي جهليندا هئا. سڄي بغداد ۾ مشهور هو ته اهڙو شاگرد ڪنهن ڏٺو نه ٻڌو. بک ته هن کي ڇڻ لڳندي نه هئي. ڪتاب ئي هن جو سڀ ڪجهه هئا. هو اهي سڀ تڪليفون فراخدليءَ سان سهي رهيا هئا ۽ علم جون منزلون طئه ڪري رهيا هئا.

هڪ ڏينهن هڪ بيابان ۾ ويهي سبق ياد ڪري رهيا هئا ته غيب مان آواز آيو. "عبدالقادر! تون ڪيترن ڏينهن کان بکايل آهين ۽ علم حاصل ڪرڻ ۾ توکي تڪليف ٿي رهي آهي. وڃ انبيائن جي سنت تي عمل ڪر ۽ ڪنهن کان قرض وٺ."

پاڻ اهو آواز ٻڌي حيران ضرور ٿيا، پر پريشان ڪونه ٿيا. ننڍپڻ کان اهو آواز ٻڌندا پئي آيا. ان لاءِ ڪا نئين ڳالهه نه هئي. پاڻ ان آواز کي جواب ڏنائون، "مان هڪ يتيم انسان آهيان. قرض وٺي ڪيئن لاهيندس."

" تون ان جو فڪر نه ڪر. تنهنجي قرض لاهڻ لاءِ اسان ذميوار آهيون."

ان آواز کي غيبي اشارو سمجهي پاڻ ان بيابان مان ٻاهر نڪتا. هاڻ ڏڪر جو زمانو گذري ويو هو. جنهن ڪري نان وارن جا دڪان کلي ويا هئا. پاڻ هڪ دڪان سامهون وڃي ويهي رهيا. ڪجهه دير همت ڪرڻ ۾ لڳايائون، پوءِ نان واري کي چيائون، " ڀاءُ! تي سگهي ته مونکي روز ڏيڍ ماني قرض ڏيندو ڪر. جڏهن قدرت چاهيو ته مان قرض ادا ڪندس. جي مري وڃان ته بخشي ڇڏجانءِ."

اهو نان وائي به ڪو سچو ماڻهو هو. سندن سوال ٻڌي روئڻ لڳو." توهان جڏهن چاهيو منهنجي دڪان تان نان وٺي ويندا ڪريو."

قرض جو انتظام ٿي ويو هو. پاڻ ان نانوائيءَ کان روز ڏيڍ ماني کڻي ويندا هئا. پر هميشه کين اهو فڪر هوندو هو ته اهو قرض ڪيئن لهندو؟ سال تي سال گذرندا ويا. قرض ايڏو ٿي ويو جو ڪيس نانوائيءَ وٽ ويندي شرم ايندو هو.

پاڻ ان نانوائيءَ وٽ وڃڻ ڇڏي ڏنائون. پيهر بک ڪاٽڻ لڳا. پاڻ ان

واسطو! مون کي پنهنجي دين جي سلامتي مطلوب آهي." پاڻ ڪريل حالت ۾ هوندي بہ اتان جواب ڏنائون.

" نہ نہ! تنهنجو هتي رهڻ ضروري آهي. تنهنجي دين کي ڪجهہ نقصان نہ ٿيندو."

جڏهن ميزبان زور پيري تہ مهمان جي مجال جو انڪار ڪري. پاڻ خدا جي مرضيءَ آڏو ڪنڌ جهڪايو. سڀ در ڪليل هئا، پر سندن پيرن ۾ اهڙا زنجير پيا جو ڪين وڃڻ جو ارادو ڇڏڻو پيو.

ٻئي ڏينهن هڪ پاڙي مان لنگهي رهيا هئا تہ هڪ در کليو ۽ ان منجهان هڪ ماڻهو منهن ٻاهر ڪڍي ڪيس چيو، " چو؟ عبدالقادر تو ڪالهہ رب کان ڇا گهريو هو؟"

ان ماڻهوءَ جو سوال ايڏو تہ اچانڪ ٿيو هو جو هو حيران پريشان ٿي ويو تہ هي ڪير آهي جو ڪيس سڃاڻي ٿو ۽ سندس نالو وٺي سڏي پيو. پاڻ ڪين ڪو جواب نہ ڏئي سگهيا. ان ماڻهوءَ ڪاوڙ مان در بند ڪري ڇڏيو.

پاڻ اڳتي وڌيا، سڄو رستو ان ماڻهوءَ بابت سوچيندا رهيا. اوچتو بيهي رهيا. "هي ماڻهو تہ الله جي ولين مان هو، نہ تہ هن کي ڪالهہ واري ڳالهہ جي خبر ڪيئن پوي ها! منهنجو نالو وٺي ڪيئن سڏي ها؟ مان هن جي درجي ڄاڻڻ وٺي ويهان ها. مان اتان هليو ڇو آيس؟ هاڻي بہ ڪهڙو اڳتي وڌيو آهيان. موٽي وڃي هن جو در کڙڪايان ٿو."

پاڻ موٽيا تہ سهي پر حجاب اهڙو هو جو ڪين ڪوشش ڪندي بہ اهو در نہ مليو. ان گهٽيءَ جا سوين چڪر لڳايائين، پر سڀ در هڪجهڙا هئا. ڪهڙو در کڙڪائي ها.

اهو در نہ مليس، جنهن منجهان ماڻهوءَ پنهنجو مٿو ٻاهر ڪڍي ڪيس اها ڳالهہ چئي هئي. ان جو چهرو ڪيس ياد هو. پاڻ ان چهري کي ڳولهڻ شروع ڪري ڇڏيائون. صبح ٿيندي ئي بازار ۾ نڪري ويندا هئا. ڪيترا ڏينهن گذري ويا. مايوس ٿي ويا هئا.

هڪ ڏينهن سندس من جي مراد پوري ٿي وئي. ان ماڻهوءَ کي مٺائيءَ جي دڪان تي ويٺل ڏٺائون. ان مان ظاهر هو تہ اهو دڪان ان ماڻهوءَ جو هو.

" هي جيڪو ماڻهو دڪان تي ويٺو آهي، هن جو نالو ڇا آهي؟" هن هڪ واٽهڙوءَ کان پڇيو.

" اڙي! توهان هن کي نہ ٿا سڃاڻو؟ هي مشهور مٺائيءَ وارو شيخ حماد آهي." حضرت عبدالقادر اهو جواب ٻڌي مايوس ٿي ويا ۽ ڪين پنهنجي اندازي تي شڪ ٿيو تہ شايد ڪين سڃاڻڻ ۾ غلطي ٿي آهي،" هي اهو بزرگ نہ ٿو ٿي سگهي. ڀلا هڪ مٺائي وڪڻندڙ ولي الله ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ هي ڪو دنيادار ماڻهو آهي."

اڃا هو انهيءَ ٻڌتر ۾ هئا تہ هڪ واٽهڙوءَ سندن اهو شڪ دور ڪيو." هن جي دڪانداريءَ تي نہ وڃو. هي وڏو پهتل بزرگ آهي. وڏا وڏا بزرگ هن کان علم پرائيندا آهن. شام جو رهاڪو آهي، پر

ٻوٽي کي پنهنجو ڪاڏو ٺاهيو. ڪيترا ڏينهن ان ٻوٽي کي ڪاٺي عبادت الاهي ۾ مصروف ٿي ويندا هئا.

ان حالت ۾ ڪيترا سال گذري ويا. هڪ ڏينهن سندن عجيب حالت ٿي. ٻي خبريءَ ۾ هڪ پاسي ڊوڙڻ شروع ڪيائون. نه ڄاڻ ڪيستائين ڊوڙندا رهيا. جڏهن ڪين هوش آيو پنهنجو پاڻ کي بغداد جي پرسان هڪ ڳوٺ "شستر" ۾ ڏٺائين. جيڪو بغداد کان ٻارنهن ڏينهن جي مسافريءَ تي هو. هو پنهنجي حالت تي حيران هئُو ته اتي ڪيئن پهتو.

اوچتو سندن سامهون هڪ عورت ظاهر ٿي ." تون عبدالقادر ٿي ڪري پنهنجي حالت تي حيران آهين؟" عورت اهو چئي غائب ٿي وئي.

پاڻ حيرت جي عالم منجهان ٻاهر نڪري آيا. جڏهن مان هيستائين ڊوڙي ڪري اچي سگهان ٿو ته پوءِ حج بيت الله لاءِ مڪي معظم ڇو نه هليو وڃان؟ اهو سوچي پنڌ هلڻ شروع ڪيائون. منزلون طئہ ڪندا جهر جهنگ جهاڳيندا جڏهن پاڻ بغداد ۽ مڪي جي وچ ۾ هڪ جاءِ مينارت القرون پهتا ته اتي سندس هڪ ماڻهوءَ سان ملاقات ٿي، جيڪو هنن جيان وڏيون ٻرانگهون ڀري هلي رهيو هو. ڇڻ تڪڙ ۾ هجي.

" دوست! ڪيڏانهن وڃڻ جو ارادو آهي؟" هن ماڻهوءَ کانئس پڇيو.

"حج بيت الله لاءِ مڪي معظم پيو وڃان."

"ڇا مان توهان سان هلي سگهان ٿو؟"

## مڪيءَ جي اهميت

هڪ دفعو هڪ مکي اچي وري وري خليفي منصور عباسي جي منهن تي اچي ويٺي ٿي، خليفي بيزاري ٿيندي چوڻ لڳو، "الائي ڇو الله ڪٺي ان ذليل مکيءَ کي پيدا ڪيو آهي؟" ويجهو ئي ان دور جو سڀ کان اعليٰ عالم ۽ مفسر شيخ ابن السلمان ويٺو هو، چوڻ لڳو، "ته جيئن معزورن جو غرور ٽٽي."

"خوشيءَ سان."

اهو ماڻهو شيخ عدي بن مسافر هو، جيڪو ان وقت جي مشهور اوليائن مان هڪ هو. شيخ عبدالقادر ڪين سڃاڻندا نه هئا. رستي ۾ فقط ايتري خبر پئي ته هي ماڻهو شيخ عدي آهي. باقي اهو ڄاڻي ورتائون ته هي نوجوان بہ الله جي خاص ٻانهن مان آهي.

" نوجوان! تون ڪٿان جو رهاڪو آهين؟"

" گيلان جي ڌرتيءَ جو رهاڪو آهيان."

" او خدا جا ٻانها! اڄ تون ڏاڍو ٿڪايو آهي."

" ڇو، اهو وري ڪيئن؟"

" مان حبش ۾ هوس ته مونکي "حالت ڪشف" ۾ خبر پئي ته الله سائين تنهنجي دل نور سان منور ڪري ڇڏي آهي ۽ پنهنجي فضل ڪرم سان توکي اهو ڪجهہ عطا ڪيو آهي، جيڪو ڪنهن ٻئي ولي الله کي نه ڏنو اٿس. ان

مشاهدي ڪانپوءِ منهنجي دل چيو تہ تنهنجي زيارت ڪريان. هاڻي توکي ڏٺو اٿم تہ دل چوي ٿي تہ توسان گڏ هجان."

اهو چئي هو رستي جي هڪ پاسي هلڻ لڳو ۽ پاڻ ٻئي پاسي. ٻئي منزلون طئہ ڪندا مڪي معظم پهتا. ٻنهي جي دلين تي نور الاهي جي برسات شروع ٿي وئي.

هڪ ڏينهن ٻئي طواف ڪري رهيا هئا تہ حضرت عدي تي نور الاهي جو اهڙو نزول ٿيو جو هو بيهوش ٿي ڪري پيو ۽ ايئن ٻئي لڳو ڄڻ مري ويا هجن.

اها ئي عارفہ، جيڪا ڪين رستي ۾ ملي هئي، بيهر ظاهر ٿي ۽ حضرت عدي جي سيرانديءَ وٽ بيهي ڪجهہ دير ڪيس ڏسندي رهي. پوءِ ڪين ڏونڌاڙي چوڻ لڳي، "جنهن الله توکي ماريو آهي، اهو ئي توکي جيئرو ڪندو. پاڪ آهي اها ذات، جنهن جي نور جي آڏو ڪنهن شيءِ کي بقا جي مجال ناهي، سواءِ ان جي جنهن کي رب پاڻ چاهي. ان رب ذوالجلال جي نور ذهنن کي پنڌپهڻ ۽ عقل جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن." ان عارفہ حبشہ جي وات مان اهي لفظ نڪرندي ئي حضرت عدي کي هوش اچي ويو ۽ هو اٿي ويهي رهيو.

پوءِ شيخ عبدالقادر هاتف غيبي جو آواز ٻڌو، جيڪو ڪين چئي رهيو هو "عبدالقادر! اسان توکي پنهنجين نشانين سان عجائبات ڏيکاريندا‌سين. بس پنهنجي جڳهہ تي ثابت قدم رهجان. منهنجي رضا ڪانسواءِ ڪنهن جي رضا نہ گهر. تنهنجي لاءِ اسانجو شهود دائمي آهي. خلق خدا جي فيض لاءِ ويهي رهہ. جو تہ اسانجا ڪجهہ خاص ٻانها آهن، جن کي اسان تنهنجي وسيلي عزت عطا ڪنداسين ."

ان وقت عارفہ حبشيہ جو آواز آيو، "جوان صالح! اڄ تنهنجو رتبو مٿانهون آهي. مان ڏسان ٿي تہ تنهنجي مٿي تي نور جو ڇاتو آهي ۽ ان جي چوڌاري آسمان تائين فرشتن جو هجوم آهي ۽ سڀ الله جي ولين جون نظرون تو ڏانهن آهن."

حج بيت الله ڪندي پاڻ فيض ۽ برڪتن جا اهي خزانا ميڙيا جو سندن دنيا بدلجي وئي. حيرت ۾ وجهندڙ اهڙا واقعا ۽ منظر سامهون آيس جو پاڻ ڪنهن ٻيءَ دنيا جا مسافر لڳي رهيا هئا.

حج بيت الله کان موٽيا تہ شهر ۾ وڃڻ بدران عراق جي بيابان ۾ ترسي پيا. پاڻ ٻڌو هئائون تہ منهنجي رضا ڪانسواءِ ڪنهن جي رضا نہ گهر. پاڻ زور شور سان ان تي عمل شروع ڪيائون. هاڻ ڪنهن سان غرض نہ هئن. خدا جي رضا لاءِ مجاهدن ۾ راتيون گهاري رهيا هئا.

هڪ ڏينهن بيابان ۾ ويٺا هئا تہ هڪ هڪ اهڙي نوراني هستيءَ سان مليا، جنهن کي پاڻ اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هئائون. ان هستيءَ ۾ اهڙي تہ ڪشش هئي جو بي اختيار دل هن ڏانهن ڇڪجڻ لڳس.

" ڇا تون مون سان رهڻ چاهين ٿو؟" ان بزرگ هستيءَ ڪائنس پڇيو.

" ها! جي منهنجي مالڪ جي رضا

هجي تہ...."

" وعدو ڪر تہ منهنجي مخالفت نہ ڪندين. جيڪو چوان، اهين ڪندين."

" مان توهانجي مخالفت نہ ڪرڻ ۽ چيو مڃڻ جو واعدو ڪيان ٿو. پر ان شرط تي تہ شرع خلاف ڪا ڳالهہ نہ ٿيندي."

" ٺيڪ آهي، هاڻ تون اتي ويٺو رهہ. جيسين مان نہ اچان، اتان نہ اٿجانءِ." اهو چئي نوراني بزرگ ماڻهو هليو ويو.

پاڻ اتي ويهي عبادت ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا. خيال ڪيائون تہ اڄ نہ تہ سڀان اهو ماڻهو ضرور ايندو. ڪيترن ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ بہ اهو ماڻهو نہ موٽيو. بک ڪين ستايو تہ پاڻ ڪاڏي جي ڳولها ۾ نڪتا. هڪ جاءِ تي ڪجهہ مانيون پيون هيون. ڪنهن ڪي شايد ضرورت کان وڌيڪ هيون جو هٿ ڪڍي ڪري ويو هو. پاڻ اهي مانيون ڪاڏي ڪاڻ ڪنيائون.

ڏينهن تي ڏينهن گذرندا ويا. ماڻهو جيڪي شيون بيڪار سمجهي ڦٽيون ڪري ويندا هئا، پاڻ اهي ڪٺي جيئڻ جو سامان ڪندا هئا ۽ انهيءَ جاءِ تي اچي ويهندا هئا، جتي اهو ماڻهو ڪين ويهڻ لاءِ چئي ويو هو. پنهنجو عهد نڀائيندي ڪين سال ٿي ويو. اهو ماڻهو سال ڪانپوءِ ظاهر ٿيو. شيخ عبدالقادر خوش ٿي ويو تہ هاڻ راز ڪلندو تہ ڪهڙي ڳالهہ هئي. اهو نوراني بزرگ هن دفعي بہ تڪڙ ۾ هو. ڪجهہ دير ساڻن ويهي وري وڃڻ لاءِ اٿيو.

" جيسين ٻيهر مان موٽي نہ اچان، اتي ويٺو رهہ." ائين چئي هو هليو ويو.

اميد دلاسو ڏنس تہ هي ماڻهو هن پيري سال ڪانپوءِ آيو هو. پر هن دفعي شايد جلدي اچي. هن ڪي روڪي بہ نہ ٿي سگهيا جو حڪم مڃڻ جو عهد ڪيو هئائون. ماٺ ڪري جت ويٺا هئا، اتي ويٺا رهيا.

امتحان ٻيهر شروع ٿي ويو. سيارو، اونهارو، طوفان، مينهن سڀ اچي هليا ويا. ايستائين جو سال گذري ويو. اهو ماڻهو ٻيهر آيو ۽ ٿوري دير، ٻيهر ڪين ويهڻ لاءِ چئي هليو ويو.

جڏهن ٽيون سال بہ گذري ويو تہ اهو ماڻهو ظاهر ٿيو. هن پيري هن جي هٿ ۾ مانی ۽ کير هو. ائين پئي لڳو تہ هن پيري هو ڪافي دير ويهڻ لاءِ آيو هو.

" مرحبا اي صالح نوجوان!" ان نوراني بزرگ ڪيس چيو، " منهنجو نالو خواجہ خضر (عليہ السلام) آهي. مونکي حڪم ٿيو تہ ماني ۽ کير توسان گڏ ويهي کاوان."

اهو ٻڌڻ جي دير هئي، ڪين سڀ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي ويو. حضرت خضر عليہ السلام جو منصب رهنمائي ڪرڻ ۽ ڀٽڪيل ماڻهن کي راهہ ڏيکارڻ آهي. قدرت کي منهنجي رهنمائي منظور هئي. ان لاءِ هن سان مونکي ملايو آهي.

ٻنهي گڏجي ماني ۽ کير کاڌي. اهو کاڌو ڪو عام کاڌو نہ هو. جنت مان آيل سامان هو. ان غذا جي پيٽ ۾ ويندي

ٺي ڪين عالم بالا کان تحت الثريٰ تائين هر منظر چٽو نظر اچڻ لڳو.

حضرت خضر عليہ السلام ڪين ڪجهہ دير پنهنجي قرب کان فيضياب ڪيو ۽ پوءِ هليا ويا. هن دفعي هن بہ فرمائش نہ ڪئي هئي.

هاڻ حضرت شيخ عبدالقادر آزاد هئا. جنهن پاسي چاهين هليا وڃن ها، پر هڪ مدهوش ڪندڙ سڳنڌ سڄي جهنگ ۾ پکڙجي وئي. پاڻ ان سڳنڌ کي بستر بڻائي اتي سمهي پيا. هڪ نوراني محفل هئي، جيڪا تصور جي هر پل ۾ آباد هئي. حضرت خضر عليہ السلام غير حاضريءَ ۾ بہ هر جاءِ تي حاضر هئا.

خضر عليہ السلام جيڪو رستو کين ڏيکاري ويا هئا، هاڻ ان راهہ تي هلڻ جو وقت اچي ويو هو. اهو ڏيکارڻ جو وقت اچي ويو هو تہ عروج جي ڪهڙي منزل تي سندن قيام هو ۽ اجا ڪهڙي منزل تائين کين وڃڻو هو.

هڪ ڏينهن ڪيفيتن جو اهڙو مينهن وٺو جو سندن سڄو بدن ڪنبڻ لڳو. چڻ سياري ۾ وسندڙ مينهن ۾ ڪو ڪليل جاءِ تي ويٺو هجي. پوءِ پاڻ نيم بيهوش ٿي ڪري پيا. ان اڌ بيهوشيءَ واري حالت ۾ کين سندن باطن جو مشاهدو ڪرايو ويو. پاڻ باطن کي ڪيترين ڳالهين ۾ وڪوڙيل ڏٺو.

ندا آئي، "اهي تنهنجا ارادا ۽ اختيار آهن....انهن کان جان ڇڏاءِ تہ تنهنجو باطن صاف ٿي ويندو."

ڏڪڻي گهٽ ٿي تہ اڌ بيهوشي، سڄي بيهوشيءَ ۾ بدلجي وئي. ڇاهيائون تہ اٿي ويهن. پوءِ باطن جي دنيا وارو خواب ياد آيو. اختيار ۽ ارادن کان جان ڇڏائڻي آهي. اهو ارادو بہ ڇو ڪيائون تہ اٿي ويهن. پنهنجي ارادي ۽ اختيار کي ڇڏي خالي ٿانوَ جيان ٿي وڃ تہ جيئن خدا جي مرضيءَ سان هلڻ ڦرڻ لڳين. جڏهن هو اٿاريندو تہ ان مهل ٿي اٿندس. ڪيترا ڏينهن لنگهي ويا، ۽ هي پنهنجي جاءِ تان چريا بہ ڪونہ. اختيار هون تہ اٿي ويهن، پر اختيار کي مفلوج ڪري ڇڏيائون. ذات جي نفي ان کي چئبو آهي.

ڪاڏي جو ذرو بہ پيٽ ۾ نہ ويو هون. ڪمزوري وڌي وئي هئي. هٿ چورڻ جي بہ همت نہ هئي، تہ متان ڪٿي اهو حڪم خدا جي مرضيءَ جي خلاف نہ هجي. هر هر اٿڻ جو ارادو ڪندا هئا ۽ توبہ توبہ ڪري اهو ارادو ختم ڪري ڇڏيندا هئا.

ڪيترن هفتن کانپوءِ کين يقين آيو تہ هاڻ موت ويجهو آهي. ارادي ۽ اختيار جي نفي اهڙي ڪئي هئي جو کين اهو بہ ياد نہ هو تہ پاڻ بکايل آهن. اکيون ڪليل هيون. سڄو وجود بيجان هو. غيب مان آواز آيو، "عبدالقادر اٿي ۽ زنده رهڻ جو سامان ڪر."

جڏهن اهو آواز ڪيترا ڀيرا آيو تہ بي اختيار اٿڻ جي ڪوشش ڪيائون، پر ايتري طاقت ڪٿي هئي. بيچيني ۾ هڪ پاسي هٿ هنيائون تہ ڪجهہ گاهہ هٿ ۾ اچي ويو. بنا ارادي اهو گاهہ وات ۾ وڌائون. هاڻ کين خبر پئي تہ ارادي جي

نفي جي معنيٰ ڇا آهي؟ جڏهن مالڪ ڪارائڻ چاهي ڪائو. هو جيترو اختيار ڏي، بس اهو ئي تنهنجو اختيار آهي. اهڙي طبيعت ناهيو، جيئن هن جو اختيار توهان جو اختيار بڻجي وڃي. گاهه جي شڪل ۾ جڏهن جڙي ٻوٽيون هن جي پيٽ ۾ ويون ته ڪين ڪجهه طاقت ملي. اوچتو دل ۾ خيال آيو ته پير مرشد شيخ حماد سان ملي ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن. شهر وڃي ساڻن ملجي. اهو خيال ايندي ئي وري توبه جا لفظ سندن وات تي اچي ويا. دنياوي طلب ڪان جان ڇڏائڻ سان ته باطن جي صفائي ممڪن ٿيندي. پوءِ اها محبت وچ ۾ ڇو آئي؟ دنيا ڪان جان ڇڏائڻ اها ئي آهي جو مالڪ جي محبت هر محبت تي غالب اچي وڃي.

هنن هڪ سال انهيءَ مجاهدي ۾ گهاريو. الله ڪانسواءِ ڪنهن جو خيال به دل ۾ نه اچي. ارادا، منصوبا، خواهشون سڀني ڪان پاسيرو ٿي ويا.

هڪ ڏينهن ٻيهر اها حالت ٿي. هن دفعي ڪين نفس جو مشاهدو ڪرايو ويو. هتي به گهڻا ئي مرض ڏيکاريا ويا. پاڻ سڄو سال انهن مرضن سان جنگ جوٽي، ايستائين جو اهي مرض پاڙئون پٽجي ويا ۽ سندن نفس تابع الاهي ٿي ويو.

هڪ سال ڪانپوءِ ڪين توڪل جي در تي آندو ويو. هتي وڏو هجوم هو. اولياءِ ڪرام قطار ناهي بيٺا هئا. پاڻ هجوم ڪان اڳتي نڪري شڪر جي در تي آيا. اتي به اهو ئي حال هو. پاڻ اتان به لنگهي ويا. پوءِ غنا ۽ مشاهدي جي در تي پهتا. اندر ويا ته اتي روحاني ڪاڏن جي ڪا کوٽ نه هئي. اتي ڪين سچي عزت ۽ مسرت ملي.

پاڻ ان مشاهدي مان ٻاهر نڪتا ته سندن هستيءَ ۾ انقلاب اچي ويو هو. ائين پئي لڳو ڄڻ ڪين ڪو ٻيو وجود عطا ٿيو هجي. ٻاهر جو موسم به بدلجي ويو هو. ڪڪر هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيا هئا. ڏسندي ڏسندي ئي مينهن ڪٽيون پوڻ لڳيون. اڄ ڪان زبان سڪي ٺوٺ ٿي وئي هئي. پاڻ مينهن وسڻ تي خدا جو شڪر ادا ڪيائين.

پاڻ ڏنائون ته سندن اڳ اڇهندي ئي بادل جا ٽڪرا ختم ٿي ويا ۽ ايڏي ته عظيم الشان روشني ظاهر ٿي جو آسمان روشن ٿي ويو.

ان روشنيءَ مان آواز آيو. "اي عبدالقادر! مان تنهنجو رب آهيان. مان انعام طور تو لاءِ سڀ شيون حلال ڪيون آهن."

يڪدم ڪين اهو خيال آيو ته اهو منهنجو رب نه ٿو ٿي سگهي. حرام شيون ته پيغمبرن لاءِ به حلال نه آهن، مان ڪهڙي شيءِ آهيان. پاڻ يڪدم اعوذ بالله من الشيطان الرجيم پڙهي.

اها روشني يڪدم اونداهيءَ ۾ بدلجي وئي. هر طرف دونهون ڦهلجي ويو ۽ پوءِ هڪ آواز آيو. "اي عبدالقادر تنهنجي علم توکي بچائي ورتو آهي، نه ته مون ان مڪر سان ستر صوفين کي گمراهه ڪيو آهي."

اهو شيطان مردود جو پيو چار هو. هن حضرت شيخ کي سندن علم جو احساس ڏياري هٿ ۽ وڏائيءَ ۾ وڪوڙڻ ٿي چاهيو. پاڻ شيطان جي ان چار کي به ناڪام ڪري ڇڏيو. "منهنجي علم نه پر منهنجي الله مونکي بچايو آهي. منهنجي مولا ڪريم جو ڪرم آهي، جيڪو هر حال ۾ مون سان گڏ آهي."

ايتري ۾ پاڻ ڏٺائون ته بڇڙي ڪراهت شڪل وارو شيطان، ڌرتيءَ تي ويٺو رڙيون ڪري مٽي ڪٽي پنهنجي مٿي ۾ وجهي رهيو هو. " اي عبدالقادر! تو مونکي مايوس ڪيو آهي."

" اي ملعون! پري هليو وڃ. مان توکان هميشه لاءِ پناهه گهران ٿو."

" اها ڳالهه مون لاءِ اجا به سخت آهي." ابليس چيو ۽ سندس چوڌاري چار ۽ ڦندا ڦهلائي ڇڏيا. اهي ڦندا وسوسن ۽ خواهشن جا ڦندا هئا." هي چار دنيا جون خواهشون آهن، جيڪي مان تو جهڙن ماڻهن لاءِ ڦهلائيندو آهيان." ابليس چيو ۽ غائب ٿي ويو.

هن جي غائب ٿيندي ئي ڪيترين شيون ظاهر ٿيون . پاڻ بارگاهِ رب العزت ۾ عرض ڪيو ته اهو سڀ ڇا آهي ۽ ڇو آهي؟ " اهي مخلوق سان لاڳاپا آهن ۽ توکي انهن کان رشتو ٽوڙڻو آهي." غيبي اشارو ملي ويو هو. پاڻ انهن لاڳاپن ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ ان بابت مجاهدو ڪندا رهيا. ايستائين جو اهي سڀ رشتا ناتا ٽٽي ويا. هاڻ دل ۾ ڪنهن انسان جي محبت نه هئي. خلوت ئي خلوت هئن.

خدا جي محبت کانسواءِ ڪجهه ياد نه هو. پاڻ پنهنجو سڀ ڪجهه خدا جي رضا مٿان نثار ڪري چڪا هئا.

هر قسم جا ظاهري ۽ باطني علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ، مجاهدن ۽ رياضت ڪرڻ ڪري پاڻ نه فقط استقامت جا جبل بنجي چڪا هئا، پر ڪين حق باطل ۽ اونداهي ۾ فرق ڪرڻ جو به علم حاصل ٿي چڪو هو. پاڻ پوري طرح ان حقيقت کي پروڙي ويا هئا ته شريعت حق کي قيامت تائين بدلائي نه ٿو سگهجي. شريعت جي حڪمن جو مخالف بيشڪ شيطان ئي ٿي سگهي ٿو.

بيابان ۾ رهندي ڪين تيرنهن سال گذري ويا هئا. سينو معرفت الاهي سان پريل هو. پاڻ جهنگ مان نڪري شهر ڏانهن هلڻ لڳا. اجا شهر نه پهتا هئا ته بيابان ۾ ڪين برج نظر آيو، جيڪو ڪنهن وقت ڪنهن بادشاهه نهرايو هو ۽ اهو ويران پيو هو. سندن دل اوڏانهن ڇڪجڻ لڳي. پاڻ ان برج ۾ داخل ٿيا ۽ خدا جي منشا مطابق ان ۾ ترسيا.

ڪا خواهش ساڻ نه هئن. ڪو ارادو گڏ نه هو. برج ۾ سانت هئي ۽ پاڻ هئا. عشا جي وضو سان نماز پڙهڻ شروع ڪندا هئا ته فجر ٿي ويندي هئن. ڪڏهن هڪ پير تي بيٺل ته ڪڏهن ٻئي پير تي، ۽ قرآن شريف پڙهندي صبح ڪري ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن سمهڻ جي خواهش هوندي هئي ته رات جي پهرئين پهر سمهي رهندا هئا. پوءِ جلد اٿي عبادت ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. ڪافي

كر ۽ كين الله جي رستي ڏانهن سڏ كر."

اک كلي تہ خواب ياد هو ۽ حكم ملي چكو هو. انكار جي مجال نہ هئي. پر پوءِ بہ پاڻ پريشان هئا. ان واديءَ ۾ قدم رکڻ جو حكم ٿيو هو، جنهن جو سير پاڻ اڳ كڏهن نہ كيو هئائون. اڻڏٺل رستا ۽ اڻڏٺل منزل... اهو سفر كيئن طئہ ٿيندو. ماڻهو عبدالقادر كي چريو چئي قبول كري چكا آهن. هو منهنجي نئين انداز كي پسند كندا يا نہ؟ هنن پنهنجي عهد جو جائزو ورتو. ماڻهن ۾ اخلاقي كوٽ هئي. ان موقعي تي مجلس ۽ هدايت جي سخت ضرورت هئي. ان كان وڌو كو جهاد نہ هو تہ اسلام جي حقيقي روح كان ماڻهن كي روشناس كرائجي.

سندن اندر مان آواز آيو، " اي عبدالقادر! تون جيكي علم حاصل كيو آهي، ان مان خدا جي خلق كي فائدو نہ پهتو تہ ان جو كهڙو فائدو؟ تنهنجا مجاهدا تو لاءِ آهن، پر علم سيني لاءِ آهي. اهو حقدارن ۾ ورهائي ڇڏي. ماڻهن كي سڌي راهہ تي وٺي اچ. مكر ۽ فريب جو پردو چاک كر. نام نهاد واعظ كندڙن جي وات كي بند كر." ان آواز كي ٻڌندي ئي پاڻ نئين عزم سان شيخ حضرت ابو سعيد جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ سچو خواب ٻڌايو.

دير ڇا جي آهي؟ منهنجو مدرسو حاضر آهي. بغداد وارن كي مخاطب كر ۽ كين حق ڏانهن سڏ كر."

اهو حكم ملندي ئي پاڻ اڳين نماز پڙهيائون. مسجد مدرسي سان مليل هئي. واعظ جو اعلان كيو ويو. پاڻ مسجد مان اٿي مدرسي جي منبر تي ويهي رهيا. نمازين مان كجهہ ماڻهو سندن چوڌاري گڏ ٿي ويهي رهيا. ماڻهو گهڻا نہ هئا. پاڻ پهريون پيرو ايڏن ماڻهن سان مخاطب هئا. هبكي رهيا هئا. اوچتو كشف جي حالت ۾ اچي ويا. پاڻ ڏٺائون تہ حضرت علي ع سامهون بيٺا آهن.

" واعظ شروع كر."

"حضرت! مان منجهي پيو آهيان."

" پنهنجو وات كول." حضرت عليءَ كين چيو.

پاڻ وات كوليائون تہ حضرت علي رضہ پنهنجي پک مبارک ڇهہ دفعا سندن وات ۾ وڌي ۽ فرمايو،" هاڻ وعظ شروع كر."

" سائين! توهان ست دفعا پنهنجي پک مبارک ڇو نہ عطا فرمائي؟"

" اهو هادي اكرم صہ جو ادب آهي." حضرت علي رضہ فرمايو.

هاڻ بيخوديءَ واري حالت ختم ٿي وئي. ماڻهو ساهہ روكي سندن حالت ڏسي رهيا هئا ۽ چاهيائون پئي تہ وعظ شروع ٿئي. حضرت عبدالقادر جيلاني بيخوديءَ واري حالت گذرڻ كانپوءِ پرسان وينل ماڻهن ڏانهن نهاريو. ان نظر ۾ كا اهڙي ڳالهہ هئا جو ماڻهن تي سندن هيبت طاري ٿي وئي.

حضرت عبدالقادر جيلاني منبر تي

بينا هئا ۽ ماڻهن جون اکيون هيٺ هيون. هنن کين سوين پيرا ڏٺو هو. پر اڄ سندن منهن مبارڪ منجهان حسن جمال جو نور ڦٽي رهيو هو. جنهن سان سڄو مدرسو روشن ٿي ويو هو. پاڻ خطبو پڙهيائون ۽ ان کانپوءِ موضوع ڏانهن آيا ۽ ماڻهن کي چيائون، "لوڪو! اسلام روئي رهيو آهي ۽ فاسقن، بدنيتن، گمراهيءَ جي مڪر جا ڪپڙا پاتلن ۽ اهڙين ڳالهين جي دعويٰ ڪرڻ وارن جي ظلم ڪري اسلام پنهنجو مٿو جهلي رڙيون ڪري رهيو آهي. رسول اڪرم ﷺ جي دين جون پتيون ۽ ان جو بنياد لڏي رهيو آهي. اي زمين جا رهاڪو! اچو ۽ جيڪو ڪرڻو آهي، ان کي مضبوط ڪريون ۽ جيڪو ڊهي پيو آهي، ان کي صحيح ڪريون."

جيتوڻيڪ عبادتن ڪرڻ ڪري سندن بدن ڪمزور هو، پر آواز ۾ ايڏو ڪڙڪو هون جو مدرسي کان ٻاهر وڃي رهيو هو. پاڻ جيڪي ڳالهيون ڪري رهيا هئا، اهي سيني جي سامهون ڪنهن نہ ڪيون هيون. ماڻهو ساهہ روڪي ٻڌي رهيا هئا.

پاڻ فرمايائون،" اي بغداد وارؤ! توهان جي اندر ۾ نفاق وڌي ويو آهي ۽ اخلاص گهٽجي ويو آهي. ڳالهيون گهڻيون آهن ۽ ڪم ڪجهہ بہ نہ. ڄاڻي وٺو تہ عمل کانسواءِ قول ڪنهن ڪم جو ناهي. عمل کانسواءِ قول اهڙو خزانو آهي، جيڪو خرچ نہ ٿو ڪري سگهجي. اها فقط دعويٰ آهي. شاهد ۽ دليل کانسواءِ... دين جهڙو هڪ ڍانچو آهي بغير ڪنهن روح جي . روح تہ توحيد، اخلاص، ڪتاب ۽ سنت تي عمل ڪرڻ سان ايندو آهي. توهانجا اعمال روح کانسواءِ آهن. غفلت ڇڏيو. اچو خدا ڏانهن اچو."

سندن زبان عربي نہ هئي. پاڻ فارس جا رهاڪو هئا. پر ان مهل عربيءَ ۾ تقرير ڪري رهيا هئا.پاڻ اهڙي زبان استعمال ڪري رهيا هئا جو عرب بہ نثار ٿي وڃن. ٻڌندڙ حيرت مان سندن ڳالهائڻ ٻڌي رهيا هئا. تنقيد جي ميزان تي پرکي رهيا هئا. اهڙي پراثر ۽ دلنشين زبان ۽ واعظ هنن ڪڏهن اڳ نہ ٻڌو هو. واعظ پورو ٿيندي ئي ماڻهن ۾ هل چل مچي وئي. هر ڪنهن جي وات تي مرحبا جا لفظ هئا. هڪ مسيحا هو جيڪو مرده جانين ۾ روح ڦوڪي رهيو هو.

وعظ ختم ٿيو ۽ ماڻهو مدرسي مان ٻاهر نڪتا تہ هر وات تي سندن تقرير جو چرچو هو. هر ماڻهو ٻئي سان ان بابت ڳالهائي رهيو هو. جيڪي نہ ويا هئا، انهن کي نہ وڃڻ جو ڏک هو. هر وات تي اهو سوال هو. ٻيو وعظ ڪڏهن ٿيندو؟

جمع المبارڪ جي شام ٻيهر هدايت لاءِ آيا تہ سڄو شهر کين ٻڌڻ لاءِ آتو هو. هر ماڻهو اڳيان ويهڻ لاءِ مشتاق هو، پر مجال هئي ڪو چوچٽ ڪري. سندن رعب مدرسي جي پِتين تي پهرو ڏئي رهيو هو. پاڻ خطبو شروع ڪيائون تہ مدرسو ڇڻ ڪنهن ويراني جو ڏيک ڏيڻ لڳو. ائين پئي لڳو تہ اتي ڇڻ ڪير هو ئي ڪونہ. سندن آواز ائين گونجي

رهيو هو، ڇڻ ريگستانن ۾ هوا وٽن سان وچڙندي گذرندي آهي.

" مان ان طريقي کي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان، جنهن تي حضرت محمد صہ، سندن اصحابي ۽ پوئلڳ رهيا آهن. هن دور ۾ ماڻهو دولت جا پوڄاري آهن. اهي موسيٰ عہ جي قوم جيان ٿي ويا آهن. سندن دلين ۾ پئسي جي محبت گهر ڪري وئي آهي. هن زماني ۾ درهم ۽ دينار جي لالچ ۾ ورتل آهن. افسوس آهي توهان تي. هن دنيا جي بادشاهہ کان مال جا طلبگار آهيو. اهو ڄاڻندي بہ تہ اهو جلدي لهي ويندو يا مري ويندو. هن جو ڏنل مال ملڪيت اتي ئي رهجي ويندو ۽ توهان کي اهڙي قبر ۾ وڃڻو آهي، جيڪا اونداهيءَ، اڪيلائيءَ ۽ ڪيڙن ماڪوڙن جو گهر آهي. فاني بادشاهہ تي ڀروسو نہ ڪريو نہ تہ نامراد رهجي ويندؤ ۽ مدد بند ٿي ويندي. ڀروسي لائق فقط ذات الاهي آهي، جيڪو ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي. جنهن کي فنا ناهي." ان وعظ جو اثر اهڙو ٿيو جو ڪيترن جوش ۾ اچي ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا. هر طرف سڏڪا ۽ روڄ طاري هو. ڪيترائي ماڻهو بيهوش ٿي ڪري پيا. سندن اثر جو سبب اهو هو جو هو جن ڳالهين طرف ڌيان ڏياري رهيو هو پاڻ ان کان آجو هو.

ان مجلس جي اهڙي مشهوري ٿي جو ٻئي وعظ ۾ خليفي جي محل جو ناظر عزيز الدين بہ اچي حاضر ٿيو. اهو ڏاڍو بااثر امير هو، جنهن ڪري وڏي ناٺ ۽ دٻدٻي سان آيو.

حضرت جن جي نظر جيئن ئي هن امير تي پئي، سندن باطن جي آئيني هن جي هٺ کي ظاهر ڪري ڇڏيو. پاڻ موضوع مٽائي ڇڏيو ۽ هن کي مخاطب ڪري چيو. "توهان سيني جي حالت اها آهي جو هڪ انسان ٻئي انسان جي بندگي ڪري ٿو. الله جي بندگي ڪير ڪندو ؟." ان ڪانپوءِ رڙ ڪري چيو. "بيهي رهو. پنهنجا هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏيو تہ جيئن هن فاني گهر کان پيڇي ڪري رب العالمين ڏانهن هلون ۽ هن جو رسو پڪڙيون. توهان کي خدا ڏانهن وڃڻو آهي ۽ اهو توهان جي عملن جو پڇاڻو ڪندو."

سڀ ماڻهو ماٺ ۾ اچي ويا هئا. ڪنهن کي مجال هئي تہ ناظر عزيز الدين کي ڪو ائين مخاطب ڪري ڳالهائي؟ هو ڪنهن مجلس ۾ ويندو هو تہ امير مجلس منبر کان لهي هن جو آڌر ڀاءُ ڪندو هو. هن لاءِ پهرين قطار ۾ جاءِ هوندي هئي. هتي عام ماڻهو وينا هئا. هن جي آدرڀاءُ لاءِ ڪير بہ منبر تان نہ لٿو هو. جنهن انداز سان ڪيس سڏيو ويو هو، اها بلڪل نئين ڳالهہ هئي.

مجلس ختم ٿي، هر وات تي اها ڳالهہ هئي. ماڻهن اهو سمجهيو ڪٿي اهڙي مجلس تي پابندي نہ مڙهي وڃي. پر ڪجهہ نہ ٿيو. هفتي ۾ ٽي ڏينهن اهڙيون مجلسون ٿينديون رهيون.

وعظ ۽ هدايت جو سلسلو مدرسي اندر شروع ڪيو ويو هو. پر ماڻهن جي گهڻائيءَ ڪري اها جاءِ ننڍڙي ٿي وئي.

مدرسي کان ٻاهر رستي تي بہ رش هوندي هئي. اها حالت ڏسي پرپاسي واريون جايون مدرسي سان ملائي ان کي وسيع ڪيو ويو. پر اها ويڪر بہ ماڻهن جي رش هٽڻ ڪري گهٽ لڳڻ لڳي. سندن مجلس شهر کان ٻاهر عيدگاهہ جي وسيع ميدان ۾ رکي وئي.

هر طرف جا ماڻهو سندن وعظ ٻڌڻ لاءِ ٽٽي پيا. سندن مشهوري سڄي عراق، شام، عرب ۽ عجم تائين پکڙجي وئي. هدايت جا قافلا عراق جو رخ ڪرڻ لڳا. مجلس ۾ اينديڙ ماڻهن جو تعداد ستر هزار ۽ ان کان وڌي ويندو هو. هدايت جو اهو سلسلو ماڻهن کي سيراب ڪري رهيو هو. عيسائي، يهودي ۽ ٻين غير مذهبن جا ماڻهو بہ سندن مجلس ۾ ايندا هئا. پٿر بڻجي ايندا هئا ۽ ميڻ ٿي ويندا هئا. پنهنجو مذهب ڇڏي اسلام قبول ڪندا هئا. انهن مسلمانن جو تہ ڪو ڪاٿو ڪو نہ هو، جيڪي فتني ۽ لالچ ۾ ورتل هئا ۽ سندن هٿ تي توبہ ڪري ڪامل مسلمان ٿي ويندا هئا.

ان ڳالهہ سندن ڪيترا حسد ڪنديڙ پيدا ڪري ڇڏيا. عالمن جو وڏو گروهہ سندن مخالفت لاءِ تيار ٿي ويو. پر سندن عاشقن جي ميڙ ۾ سندن تائين ڪو پٿر نہ ٿي پهچي سگهيو. ڪير بہ سندن خلاف هڪ اکر ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هو. علم ۽ فضل جي گهٽائي هئڻ جي باوجود سندن عاجزي ۽ نياز نوڙت جو اهو عالم هو جو پاڻ ماڻهن جي دلين ۾ آباد هئا.

☆☆☆

بغداد علم ۽ حڪمت ڪر سڄي اسلامي دنيا جو مرڪز هو. ڪيترائي عالم وعظ ۾ مصروف هئا. سيد غوث اعظم جي سهڻي آواز ۽ ڳالهائڻ آڏو سڀ مجلسون هيچ هيون. انهن عالمن سندن مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي. سندن علم کان واقف هوندي بہ ڪين لاجواب ڪرڻ جون اٽڪلون سوچڻ لڳا. انهن سيني گڏجي فيصلو ڪيو تہ اسان سڀ هڪ هڪ مسئلو ڪٽي ان وقت ڏانهن وجون. جڏهن پاڻ وعظ ڪري رهيا هجن ۽ ماڻهن جو هجوم هجي. ان وقت سڀ مسئلا هڪ هڪ ڪري پڇيا وڃن. پاڻ مصروف هئڻ ڪري سوال جو جواب صحيح نموني ڏئي نہ سگهندا ۽ انهيءَ نموني ماڻهن جي دلين مان سندن عقيدت ختم ٿي ويندي.

ان اٽڪل تي عمل ڪندي هڪ سوُ عالم ،فتح جي اميد سان، سندن مجلس ۾ ان وقت پهتا، جڏهن پاڻ ڪنهن موضوع تي تقرير ڪري رهيا هئا. ماڻهن هنن عالمن کي سڃاڻي جاءِ ڏني ۽ هو سڀ منبر ويجهو ويهي رهيا. حضرت غوث اعظم ڪجهہ دير ان موضوع تي ڳالهايو، جنهن تي انهن عالمن جي اچڻ کان پهرين ڳالهائي رهيا هئا. پوءِ ماٺ ٿي ويا.

اڃا ڪنهن سوال ئي نہ ڪيو هو جو پاڻ واري واري سان هنن سيني عالمن کي مخاطب ٿيندي چيو، " توهان جو سوال هي آهي ۽ جواب هي آهي...."

پاڻ سيني جي سوالن جي جواب اهڙي تہ سٺي انداز ۾ ڏنا جو سيني

عالمن جا وات پٽجي ويا. سڀ عالم حيرت مان ڪين ڏسي رهيا هئا. حيرت جي ڳالهه اها هئي ته پاڻ سندن دلين جو حال ڄاڻي ورتو هو. مجلس ۾ گوڙ ٿي ويو، ڄڻ زلزلو اچي ويو هجي.

هاڻي سندن علم سان گڏ ڪرامت جو به ذڪر ٿيڻ لڳو. پاڻ مخالفت جو زور ٽوڙڻ لاءِ ڪرامتن سان به ماڻهن کي عقيدتمند بنائڻ شروع ڪيو. ان ڪرامت جو مقصد نمائش نه پر الله جي وليءَ جو شان ڏيکارڻ هو.

هڪ ڏينهن پاڻ وعظ ڪري رهيا هئا. ٻڌندڙ هزارن جي تعداد ۾ بغداد ۾ گڏ هئا. اوچتو ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا ۽ مينهن وسڻ لڳو. ماڻهو مينهن کان بچڻ لاءِ ٽڙي پکڙي ويا.

پاڻ آسمان ڏانهن نهاريو ۽ چيو، "مولا ڪريم مان تنهنجي ٻانهن کي گڏ ڪيان ٿو ۽ تون انهن کي ڇڙوڇڙ ڪرين ٿو."

ائين چوڻ جي دير هئي ۽ اتي جو اتي مينهن وسڻ بند ٿي ويو ۽ ماڻهو ٻيهر گڏ ٿي ويا. ڏسڻ وارن ڏٺو ته جنهن جاءِ تي ٻڌندڙ ويٺل هئا، ايستائين مينهن جو هڪ ڦڙو به نه پيئي وسيو. باقي ٻي سڄيءَ جاءِ تي مينهن ڌڙاڌڙا وسي رهيو هو.

ماڻهن سندن جڏهن اها ڪرامت ڏٺي ته چيو، "بيشڪ توهان هن دور جا ولي آهيو."

هاڻ ته روز ڪا نه ڪا ڪرامت ڏسڻ لاءِ ملي رهي هئي. ماڻهو پروانن جيان سندن چوڌاري گڏ ٿي رهيا هئا. پنهنجيون دلي مرادون کڻي ايندا هئا ۽ دعا جا گهرجاءُ هوندا هئا. پاڻ سامهون نه به هوندا هئا ته سندن نالو کڻڻ تي ئي ماڻهن جون دلي مرادون پوريون ٿي وينديون هيون.

هڪ ڏينهن پاڻ وعظ ڪري رهيا هئا ته سندن منهن مبارڪ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ پنهنجو هٿ چادر اندر لڪائي ڇڏيو. جڏهن ڪڍيو ته ٻانهن مان پاڻي وهي رهيو هو. ڪنهن کي ڪو خيال نه آيو. سندن بدليل حالت ڏسي ڪنهن جي دل ۾ خيال به آيو ته به ڪنهن کي پڇڻ جي همت نه ٿي.

ان واقعي جي ٻن مهينن ڪانپوءِ پاڻ پنهنجن دوستن سان گڏ ويٺا هئا. ڪجهه بغداد جا سوداگر پهتا ۽ گوڙ ساريون سوکڙيون کڻي حاضر ٿيا. انهن سوداگرن ٻڌايو ته اسان پرسڪون سمنڊ ۾ سفر ڪري رهيا هئاسين، اوچتو تيز هوا هلڻ لڳي ۽ سمنڊ ۾ طوفان اچي ويو. اسان جو جهاز ڀنور ۾ ڦاسي پيو ۽ ٻڏڻ وارو هو، جو اسان جي وات مان بي اختيار "يا شيخ عبدالقادر جيلاني" نڪتو. اسان ڏٺو ته غيب مان هڪ هٿ نڪتو ۽ جهاز کي ڇڪي ڪناري تي وٺي آيو."

ان واقعي جي تاريخ پڇي وئي. اها ساڳي تاريخ هئي، جڏهن پاڻ ڀنل ٻانهن چادر مان ڪڍي هئي ۽ رعب ڪري ماڻهو ڪائڻ ان جو سبب پڇي نه سگهيا هئا.

☆☆☆

اهي ڳالهيون ڏسڻ ۾ ته سمجهه کان مٿي هيون، پر ماڻهو جيڪڏهن سندن

رياضتن ۽ مجاهدن تي غور ڪن ته اهي ڳالهيون ناممڪن ڏسڻ ۾ نه ايندون. سدائين باوضو هوندا هئا. راتيون مراقبي، مشاهدي ۽ خدا جي عبادت ۾ گهاريندا هئا. ننڊ ڪوهين ڏور هوندي هئي. ڪيترا دفعا لاڳيتو روزا رکندا هئا. جڏهن اها حالت هجي ته دعا ۾ اثر ۽ زبان ۾ تاثير ڪيئن نه هوندي.

سندن ڪرامتون مشهور ٿيون ته ڪجهه ماڻهن ان کي وڏاءُ چوڻ شروع ڪيو. هڪ اهڙو ماڻهو عبدالصمد بن همام به هو. اهو سندن ڪرامتن کان منڪر هو. هڪ ڀيري هو جمعي ڏينهن مدرسي پرسان لنگهيو. ڪيس پيشاب تنگ ڪيو، پر نماز جو وقت ويجهو هو. هن سوچيو ته پهرين نماز ادا ڪيان. پوءِ ان کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريان. هو مدرسي ۾ هليو ويو ۽ منبر ويجهو وڃي ويٺو. جيئن جيئن نماز جو وقت ويجهو آيو، ماڻهن جي پيهه وڌندي وئي. هوڏانهن ڪيس پيشاب روڪڻ به ڏکيو ٿي ويو. اٿڻ جي ڪوشش ڪري ٻاهر وڃڻ جي ڪيائين، پر ٻاهر وڃڻ لاءِ رستو نه مليس. ممڪن هو ته هن جا ڪپڙا ناپاڪ ٿي وڃن ها. سيدنا غوث اعظم پنهنجي منبر تان لهي هيٺ آيا ۽ پنهنجي ٻانهن مبارڪ سان هن کي ايئن ڍڪي ڇڏيو، جيئن ڪو ڪنهن کي لڪائڻ چاهيندو هجي. عبدالصمد بن همام پاڻ کي هڪ باغ ۾ ڏٺو، جتي پري پري تائين ڪير نه هو. ويجهو ئي پاڻي وهي رهيو هو. هن پنهنجي ضرورت کان واندو ٿي وضو ڪيو ۽ ٻه رڪعت نماز پڙهي. ان مهل پاڻ حضرت هن جي مٿان پنهنجي ٻانهن هٽائي ڇڏي.

عبدالصمد اهو ڏسي وائڙو ٿي ويو ته هو ڪنهن باغ ۾ نه پر ساڳي مسجد اندر ماڻهن جي وچ ۾ انهيءَ جاءِ تي ويٺو هو، جتي پهرين اچي ويٺو هو. سوچڻ جو وقت نه هو. جماعت اٿي بيٺي هئي.

جڏهن نماز تي وئي ۽ هو اٿڻ لڳو ته ڏٺائين، هن جو اهو رومال، جنهن ۾ گهر جي تالن جون چاٻيون ٻڌل هيون، غائب هو. ڏاڍو ڳوليائين پر نه لڌو. مايوس ٿي ڪري ڪيس گهر جا تالا ٽوڙي اندر ويٺو پيو.

هو ڪيترا ڏينهن سوچيندو رهيو. اهو اتفاق هو يا حضرت عبدالقادر جي ڪرامت هئي، پر ڪنهن نتيجي تي پهچي نه سگهيو. پندرنهن ويهه ڏينهن ڪانپوءِ ڪنهن سفر تي ويو. رستي ۾ هڪ جاءِ تان لنگهيو ته ڪيس ائين لڳو ته ڄڻ پاڻ پهرين اتي اچي چڪو هو.ذهن تي زور ڏنائين ته ڪيس ياد آيو ته جنهن وقت حضرت عبدالقادر هن مٿان پنهنجي ٻانهن جو پاڇو ڪيو هو، هن پاڻ کي ان باغ ۾ ڏٺو هو. هو اتي ويهي رهيو. باغ اندر ويو ته اهو واهه به ڏٺائين جتي ويهي هن وضو ڪيو هو. پرسان سندس رومال پيو هو. جنهن ۾ چاٻيون ٻڌل هيون. هن رومال کنيو. جيئن ئي شهر آيو، هن جي وات تي حضرت عبدالقادر جي عظمت ۽ بزرگيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه هو. جيتوڻيڪ سڀ ڄاڻندا هئا ته عبدالصمد

بن همام، حضرت عبدالقادر جي ڪرامتن ڪان بنهہ منڪر هو.

پاڻ اجا تائين شادي نہ ڪئي هئائون. سندن مشغلا اهڙا هئا جو ازدواجي زندگيءَ جو بار ڪڻي نہ ٿي سگهيا. تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ زندگيءَ جا پنجويهہ سال جهنگ ۽ بيابان ۾ گهاريا هئائين . رياضتن ۾ کين پنهنجو هوش بہ نہ هو. ان ڪري امتحان ڪانپوءِ دين جي پوئلڳن جي جدوجهد ۾ مصروف ٿي ويا. مخالفن ڪي هڪ ڳالهہ اها بہ هٿ اچي وئي تہ پاڻ اجا تائين سنت رسول ﷺ کي پورو نہ ڪيو هئائين. سندن عمر پنجاهہ سالن ڪان مٿي هئي. پاڻ انهيءَ اعتراض کي مرڪي ٻڌندا رهيا ۽ انتظار ڪندا رهيا تہ غيب جي پردي مان ڇا ٿو ظاهر ٿي. پاڻ پنهنجو ارادو، اختيار الله کي ڏئي ڇڏيو هو. جڏهن الله تعاليٰ چاهيندو، مان شادي ڪندس.

اهو ئي ٿيو. هر ڪم جو هڪ وقت مقرر ٿيل آهي. الله تعاليٰ کين وقفي وقفي سان چار گهر واريون ڏنيون ۽ کين گهڻو اولاد عطا ڪيو يعني ويهہ پٽ ۽ اوڻٽيهہ نياڻيون. شاديءَ ڪان پوءِ منجهن اها تبديلي آئي هئي جو پاڻ نهايت عمده ڪپڙا پائڻ لڳا. سندن ڪپڙو ڏاڍو قيمتي هوندو هو. ڪپڙي جا واپاري پري پري ڪان مهانگا ڪپڙا ڪڻي ايندا هئا. هڪ زمانو هو جو پاڻ هڪ معمولي جبو پائيندا هئا. هاڻ مخالفن ڏٺو تہ پاڻ هر جمعي تي نوان قيمتي ڪپڙا پهرين ٿا. قيمتي ڪان قيمتي ڪپڙو بہ هڪ ڏينهن ڪان وڌ نہ پائيندا هئا. مخالفن کي هڪ نئون موضوع هٿ اچي ويو، " عبدالقادر دنيادار ٿي ويو آهي."

اهو بحث گهڻا ڏينهن هلي نہ سگهيو. جلدي اهو راز کلي ويو تہ اهو بہ سندن فڪر جو هڪ انداز هو ۽ مسڪينن جي مدد جو هڪ بهانو هو . قيمتي ڪپڙا هڪ ڏينهن پائڻ ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن ڪنهن محتاج کي ڏئي ڇڏيندا هئا. اهو غريب ماڻهو اهي ڪپڙا وڪڻي پنهنجي ضرورت پوري ڪندو هو. جيئن تہ اهي ڪپڙا سندن پهريل هوندا هئا، ان ڪري سندن عقيدتمند واڌو ملهہ ڏئي بہ ان کي خريد ڪري وٺندا هئا ۽ غريب ماڻهن جو پلو ٿي ويندو هو.

غريب ۽ مسڪينن جو خيال هر وقت کين هوندو هو. ۽ پاڻ هنن جي مدد ڪرڻ لاءِ بهانا پيا ڳوليندا هئا. هڪ دفعي پاڻ حج بيت الله لاءِ وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ هڪ ڳوٺ ۾ ترسيا. پاڻ اتي هڪ ماڻهوءَ ڪان پڇيائون تہ هن ڳوٺ ۾ سڀني ڪان وڌيڪ ڪير محتاج ۽ مسڪين آهي؟ ماڻهن هڪ غريب پوڙهي بابت ٻڌايو.

پاڻ سڌو ان جي گهر ويا. پاڻ ان جي جهريل گهر ۾ رهڻ لاءِ موڪل ورتائون. ان پوڙهي خوشيءَ سان کين موڪل ڏني. سندن اچڻ جي خبر جيئن ئي ڳوٺ وارن کي پئي تہ ڳوٺ وارا سندن لاءِ سوکڙيون ڪڻي اچڻ لڳا. حيثيت وارن ماڻهن سون چاندي، ان، جانور ۽ ٻيون سوکڙيون ڪڻي سندن خدمت ۾ آنديون.

پاڻ اهي سڀ شيون قبول ڪيون.

رات گھاري پاڻ جڏهن مڪي معظم لاءِ روانا ٿيا تہ اهو سڀ مال ۽ ڳوڙيون ان پوڙهي کي هدئي طور ڏئي ويا. اهو ٻڪ ۽ غربت جو ماريل پوڙهو انهن سوڪڙين پاڪڙين ڪري رات وچ ۾ امير ٿي ويو.

☆☆☆

ست سال ٿي ويا هئا. پاڻ باطل جي مورچن تي عوامي خطبن ذريعي حملو ڪندا رهيا. پري پري کان ماڻهن سندن علم ۽ توجهہ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا هئا ۽ ان وهندڙ سمنڊ مان سيراب ٿي گهر ويندا هئا. هاڻ ضرورت ان ڳالهہ جي هئي تہ جيڪي ماڻهو سندن خطبن ڪري سڌي رستي تي اچي ويا هئا، انهن کي شريعت بابت سمجهائجي. ان لاءِ پاڻ مدرسي ۾ درس ڏيڻ جو انتظام ڪيو. فجر جي نماز ڪانپوءِ پاڻ مدرسي ويندا هئا. شاگردن ۽ ٻين ماڻهن کي شريعت جي طريقن بابت تعيلم ڏيندا هئا. هڪ سبق تفسير جو، هڪ حديث جو، هڪ فقہ جو، هڪ اختلاف ائمہ اهلسنت ۽ ان جي دليلن جو. هو ظهر جي نماز ڪانپوءِ وري شريعت بابت درس ڏيندا هئا.

حضرت عبدالقادر جيلاني علم جو وهندڙ سمنڊ هئا. نہ فقط ظاهري علم جو، پر باطني علم جو بہ وهندڙ بحر هو. سندن تربيت وٺندڙ ايترا ئي پڪڙي ويا جو بغداد جون درسگاهون ڇڻ ويران ٿي ويون. سندن مشهوري ۽ عزت احترام وڌي ويو هو. سندن عظمت جو حال اهو هو جو مشائخ ۽ عالم سندن مدرسي ۾ ٻهاري ڏئي چند ڪار ڪندا هئا. جڏهن پاڻ ڪين موڪل ڏيندا هئا تہ اهي سندن آڏو ادب مان اچي ويهندا هئا.

مشهور ولي الله شيخ علي بن ابي نصر الهيتي پنهنجن ساٿين سان گڏ پنهنجي رهائش زويران کان سندن خدمت ۾ بغداد ايندا هئا. بغداد ويجهو پهچندي ئي پنهنجن ساٿين کي چوندا هئا تہ دجلہ نديءَ ۾ غسل ڪري وٺو ۽ پنهنجين دلين کي وسوسن کان آجو ڪريو. اسان سلطان اولياءِ جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ وارا آهيون. بغداد ۾ پهچندي جڏهن ماڻهو سندن خدمت ۾ ايندا هئا تہ پاڻ فرمائيندا هئا شيخ عبدالقادر ڏانهن وڃو. مان تہ سندن هڪ ننڍڙو خادم آهيان. جڏهن حضرت غوث اعظم جي در تي ايندا هئا پنهنجي جتي لاهيندا هئا ۽ حاضر ٿيڻ لاءِ موڪل گهرندا هئا. پاڻ جڏهن ڪين سڏيندا هئا تہ ادب مان حاضر ٿيندا هئا.

هيبت ۽ جلال جو اهو حال هو جو وعظ ۽ مجلس ۾ ساهہ کڻڻ ڪانسواءِ ڪو ٻيو آواز ٻڌڻ ۾ نہ ايندو هو. وعظ مهل ڪنهن جي مجال نہ هوندي هئي تہ ڪو ڪير هيڏانهن هوڏانهن چري سگهي يا ڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪري يا وري ڪنهن سان سرٻاٽ ڪري. جڏهن پاڻ ڪنهن واٽ تان لنگهندا هئا ماڻهو احترام مان رستي تي بيهي رهندا هئا. ڳالهائڻ روڪي، اڪيون هيٺ ڪري ڇڏيندا هئا. سندن اٺ ۽ خچر جنهن تي پاڻ سوار هوندا هئا، جڏهن لنگهي ويندو هو تڏهن

ماڻهن کي هوش ايندو هو. هڪ ڏينهن پاڻ جامع مسجد ۾ ويٺا هئا. ڪين نڇ آئي پاڻ الحمد الله چيائون. جواب ۾ ماڻهن يرحمڪ الله ويرحڪم چيو ته هزارين ماڻهن سان ڀريل مسجد گونججي وئي. مسجد کان ڏور خليفو المستنجد بالله به ويٺو هو. هن اهو آواز ٻڌو ته حيرت مان پڇيو ."هي ڇا جو آواز آهي؟"

" حضرت عبدالقادر جيلانيءَ کي نڇ آئي آهي ۽ ماڻهن ان جو جواب ڏنو آهي." ماڻهن ڪيس جواب ڏنو.

اهو ٻڌندي ئي خليفي مٿان لرزو طاري ٿي ويو... الله اڪبر! اها عظمت ۽ جلال... اها عظمت فقط الله جي ولي ڪانسواءِ ڪنهن کي حاصل ٿي سگهي ٿي.

ان ڏينهن کانپوءِ جڏهن اهو خليفو سندن نالو ٻڌندو هو ته ڏڪي ويندو هو. جڏهن پاڻ خليفي کي ڪجهه لکت ۾ موڪليندا هئا ته اهو خليفو ان لکڻيءَ کي اکين تي رکي چمندو هو ۽ ان تي عمل ڪندو هو. خليفي جي مجال نه هئي ته سندن چوڻ تي عمل نه ڪري.

☆☆☆

اهو هڪ سڀاڳو ڏينهن هو. پاڻ حلب جي محلي ۾ پنهنجي مهمان خاني ۾ واعظ ڪري رهيا هئا ته اوچتو مٿانهن بيخوديءَ واري حالت طاري ٿي وئي. پاڻ بي اختيار ٿي فرمايائون! "منهنجو هي پير هر ولي الله جي ڪنڌ تي آهي."

ان مجلس ۾ سوين اڪابر ۽ مشائخ دين موجود هئا. انهن سيني سندن اهو ارشاد ٻڌي پنهنجا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا. ڪامل شيخ علي بن ابو نصر الهيتي به ان مجلس ۾ موجود هو. پاڻ يڪدم اٿي سندن قدم مبارڪ پڪڙي پنهنجي ڪنڌ تي رکي ڇڏيو.

ڌرتي تي جتي جتي ڪو قطب ابدال يا ولي هو، انهن به حڪم الاهي سان سندن اهو آواز ٻڌو ۽ پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. خواجه معين الدين چشتي اجميري جو اهو جوانيءَ جو وقت هو. هو ان مهل خراسان ۾ جبلن منجهه رياضت ۾ مصروف هئا. انهن غائبانه اهو آواز ٻڌو ۽ پنهنجو ڪنڌ ايڏو ته جهڪائي هيٺ ڪيو جو سندن پيشاني ڌرتيءَ کي ڇهڻ لڳي. روايت آهي ته دنيا جا گهٽ ۾ گهٽ ٽي سؤ تيرنهن اولياءِ ڪرامن ان ارشاد آڏو پنهنجي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا هئا.

اصفهان جي هڪ ولي الله شيخ صنعان علم جي دريا جا زبردست عالم ليکيا ويندا هئا. اهو فرمان انهن به ٻڌو پر حضرت غوث اعظم جو رتبو سڃاڻڻ ۾ ڪائنن غلطي ٿي وئي. هن ڪنڌ جهڪائڻ کان انڪار ڪيو. ان وقت ڪين محسوس ٿيو ته سندن سڀ طاقتون، ڪرامتون ڪسجي ويون. پاڻ کي خالي محسوس ڪيائون ۽ گهبرائجي ويا. هاڻ ڪين سيڪجهه سمجهه ۾ اچي ويو هو. هو جتي ويٺا هئا، اتان اٿيا ۽ بغداد ڏانهن سفر شروع ڪيائون. ڪيترا ڏينهن سفر ڪرڻ کانپوءِ سندن آستاني تي پهتا. اتي ماڻهن جو هجوم هو. پاڻ نصيحت ۽ وعظ ڪري رهيا هئا. شيخ صنعان ماٺ ڪري هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو. اکين ۾

لڙڪ هئا. چهري جو رنگ پيلو هو. اتي ڪيترن جو اهو حال هو. ڪنهن ڏيان نہ ڏنو تہ ڪير اچي ويٺو آهي. وعظ جو آواز ڪنن ۾ اچي رهيو هو.

" جيڪو آخرت چاهي ٿو، ان کي زهد اختيار ڪرڻ گهرجي. سڀني حاجتن کان انڌا ٿي وڃو ۽ ان مان ڪنهن سان بہ لاڳاپو نہ رکو. چو تہ جڏهن انهن ڳالهين تي ڌيان ڏيندؤ تہ ان مهل تائين الله جي فضل ۽ ڪرم جا در توهان تي بند ٿي ويندا. ان لاءِ پنهنجي حاجتن تي قابو رکو ۽ انهن کي پنهنجي يقين، فنا ۽ علم سان ڌاهي ڇڏيو."

جيئن ئي پاڻ ماٺ ٿيا تہ حضرت شيخ صنعان ميڙ مان نڪري حضرت عبدالقادر وٽ منبر تائين پهتا ۽ سندن پيرن تي ڪري پيا." ڪير آهين؟ ڪٿان آيو آهين؟" حضرت عبدالقادر شفقت مان پڇيس.

"حضرت مان شيخ صنعان، اصفهان مان حاضر ٿيو آهيان."

"تون شيخ صنعان آهين! هي ڪهڙي حالت ڪئي اٿئي؟" پاڻ ڪيس اٿاريو ۽ پنهنجي ويجهو ويهاريو.

پوءِ شيخ صنعان ڪين سڀ ڪجهہ ٻڌايو ۽ معافي گهري. پاڻ ڪين پاڪر پاتو. پاڪر پائيندي ئي شيخ صنعان جا سڀ وڃايل درجا ڪين ٻيهر ملي ويا. پر درجن ۾ اڃا وڌيڪ واڌارو ٿي ويو.

سندن اهو فرمان تہ منهنجو پير هر ولي الله جي ڪنڌ تي آهي، سندن وات مان نڪتل فقط جملو نہ هئو، پر اهو حڪم الاهي هو. جيڪو سندن وات مان نڪتو هو. چو تہ سلطاني تاج سندن مٿي مبارڪ تي رکيو هو. ڪين سڀني اوليائن کان مٿي ٿيڻو هو.

ڪيترن اوليائن اها شهادت ڏني آهي تہ جنهن مهل ڪين اهو ارشاد مليو، ان مهل هنن فرشتن جو هڪ گروهہ هوا ۾ اڏامندي ڏٺو. اهو گروهہ سڌو سندن مجلس ۾ اچي ويٺو ۽ ڪين باطني بادشاهت تي مبارڪباد ڏني. ان ڏينهن دنيا جي ڪيترن ولين سندن آڏو ڪنڌ جهڪايو.

ان ارشاد جي معنيٰ ۽ مطلب ڪيترن ڏينهن تائين بحث هيٺ رهيو. ان ڳالهہ تي سڀ سهمت هئا تہ سندن اهو ارشاد حڪم الاهي مطابق هو، پر ان جي معنيٰ بابت اختلاف آهي. ڪجهہ ماڻهو ان قول بابت سندن ان وقت جي اوليائن ڪانسواءِ سندن کان اڳ وارا ۽ پوءِ وارا اولياءِ بہ ڳڻين ٿا. ان جي ابتڙ ٻين ماڻهن جو خيال آهي تہ سندن اهو فرمان صرف ان وقت جي ولين لاءِ مخصوص هو. چو تہ ولين ۾ اصحابي سڳورا، تابعين بہ شامل آهن، جن جي فضيلت ۽ سرسي مسلم آهي ۽ پوءِ ايندڙن ولين ۾ حضرت مهدي عليہ السلام بہ شامل آهي.

☆☆☆

سندن هستي اسلام لاءِ بهار جيان هئي، جنهن دلين جي قبرستان ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو هو ۽ اسلامي دنيا ۾ ايمان ۽ روحانيت جي هڪ نئين لهر ڇانئجي وئي هئي. لکن جي تعداد ۾ حق

جا طالب سندن هٿ تي بيعت ڪري رهيا هئا. پوءِ اهي ٿي سڪيا وننڌڙ ماڻهو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي تبليغ جا فرض انجام ڏيئي رهيا هئا. پاڻ جڏهن ڪنهن مريد يا خادم کي حق جي دعوت ڏيئي روانو ڪندا هئا ته هي هدايتون ڏيندا هئا:

1. حاڪم ۽ اميرن جي نوڪري نه ڪرڻ.
2. ڪنهن امير کان وظيفو قبول نه ڪرڻ.
3. هر ڪم ۾ الله جي رضا ۽ خوشنوديءَ تي راضي رهڻ.
4. الله جي ڪتاب ۽ سنت رسول ﷺ تي مضبوطيءَ سان عمل ڪرڻ.
5. شريعت جي حد کان اڳتي نه وڌڻ.
6. سادي زندگي گذارڻ.
7. هٿ ۽ وڏائيءَ کان پري رهڻ.
8. حق جي تبليغ ۾ ڪنهن رڪاوٽ کان مايوس نه ٿيڻ.
9. وقت جي پابندي ڪرڻ.
10. غير مسلمن سان برابريءَ جو سلوڪ ڪرڻ.
11. دنياوي شين ۽ ظاهري ڏيک کان پرهيز ڪرڻ.

پاڻ داعين جي جيڪا جي جماعت تيار ڪئي هئائون، اها ظاهري ۽ باطني علم ۾ پڙ هئي. ان جماعت جي ماڻهن سندن فيض مان پورو فائدو حاصل ڪيو هو. سندن رڳ رڳ ۾ خدا ۽ رسول ﷺ جي محبت سمايل هئي. ڪين صرف زباني تبليغ نه ڪرڻي هئي، پر ڪين تعليمات محمديءَ جو عملي نمونو بنجي گمراهن کي حق جي راهه ڏانهن آڻڻو هو. اهي ماڻهو پنهنجي مرشد ڪامل جي سچي ۽ عملي تصوير هئا. هي جت به ويا، هڪ پاسي اسلام جي سچي تصوير پيش ڪئي ٻئي پاسي پنهنجي مرشد ڪامل جو بهترين تعارف ڪرايو. جيڪي ماڻهو حضرت عبدالقادر جيلاني سان ملي نه سگهيا هئا، انهن داعين کي ڏسي سندن عقيدتمند بنجي ويا.

سندن علم ۽ فضل جو درياهه اهڙو ته وهيو جو هر طرف کان ماڻهو جتن جي صورت ۾ اچي فيض پرائيندا هئا. واعظ، تدريس ۽ عبادت الاهي مان ڪين ايڏو وقت ئي نه بچندو هو، پر پوءِ به پاڻ ڪنهن گهرجائوءَ کي مايوس نه ڪندا هئا. پاڻ ان ذميداريءَ کي به قبوليائون. سندن علمي صلاحيت جو اهو حال هو جو غور فڪر جي ڪين ضرورت نه پوندي هئي. مسئلو پڇي، جواب لکرائيندا هئا. ڪيترا مريد قلم ۽ مس کڻي ويهندا هئا. پاڻ واري واري سان جواب لکرائيندا هئا.

عراقي عالم سندن فتويٰ ۽ انهن جي تڪڙن جوابن تي حيران هئا. مشهور محدث ۽ مؤرخ علامه ابن جوزي سندن مخالف هئا. سندن واعظ ۽ ارشاد تي سخت اعتراض ڪندا هئا. هڪ ڏينهن حافظ ابوالعباس احمد ڪين زوريءَ پاڻ سان گڏ حضرت غوث اعظم جي مجلس ۾ وٺي ويا. ان مهل پاڻ قرآن شريف جو درس ڏئي رهيا هئا.

چوڏاري شاگردن جو هجوم هو. شيخ ابوالعباس احمد ۽ علامه ابن جوزي درس کان پري تي ويهي رهيا. ايتري ۾

هڪ قاريءَ آيت پڙهي. سيد غوث اعظم ان جو ترجمو ڪري تفسير ٻڌائڻ شروع ڪئي. پهرين نڪتي تي حافظ ابوالعباس احمد، علامہ ابن جوزيءَ کان پڇيو، " ڇا توهان کي ان بابت ڄاڻ آهي؟" جوزي هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. پوءِ ٻئي نڪتي تي بہ ڪائنس اهو سوال ڪيو. علامہ ابن جوزيءَ هاڪار ۾ جواب ڏنو. ايسين جو يارنهن تفسير جي نڪتن تي علامہ ابن جوزيءَ هاڪار ۾ جواب ڏنو. ان دوران حضرت غوث اعظم جو بيان اهڙيءَ طرح جاري هو، ڄڻ علم جو درياهہ وهندو هجي ۽ ڪٿي رڪجڻ جو نالو نہ ٿي ورتائون. ان ڪانپوءِ پاڻ لاڳيتو ان آيت جا چاليهہ تفسيري نڪتا ۽ رمزون بيان فرمايائون.

ٻارهين نڪتي کان وٺي چاليهين نڪتي تائين علامہ ابن جوزي پنهنجي علم جي بيوسيءَ جو اعتراف ڪندا رهيا ۽ حيرت ۾ پنهنجو ڪنڌ لوڏيندا رهيا. آخر بي اختيار ٿي چيائون، " هاڻ قال کي ڇڏي حال ڏانهن موٽان ٿو."

پوءِ جوش ۾ اچي قميص ڦاڙي ڇڏيائون ۽ سندن ويجهو وڃي علمي عظمت جو اعتراف ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي نہ سگهيا. ان اعتراف ثابت ڪيو تہ ان وقت اسلامي دنيا ۾ حضرت عبدالقادر جو ڪو ثاني ناهي. حال ۽ قال ۾ سندن ڪو جواب نہ هو. پاڻ بيشڪ سلطان العارفين آهن. شيخ ابو الحسن سعد الخير بيان ڪن ٿا تہ هڪ دفعو شيخ عبدالقادر جي محفل ۾ حاضر ٿيس ۽ سيني جي پنيان ويهي رهيس. پاڻ ان مهل زهد تي ڳالهائي رهيا هئا. منهنجي دل ۾ خواهش ٿي تہ پاڻ معرفت تي ڳالهائين. پاڻ اوچتو زهد تي ڳالهائڻ ڇڏي معرفت تي ڳالهائڻ شروع ڪيائون. پوءِ مون چاهيو تہ شوق بابت ڳالهائين. پاڻ ان مهل ئي شوق تي ڳالهايائون. پوءِ مون چاهيو تہ پاڻ فنا ۽ بقا تي ڳالهائين. پاڻ فنا ۽ بقا بابت ڳالهايائون. وري منهنجي دل غيبت بابت سندن ارشاد ٻڌڻ لاءِ بيتاب ٿي. پاڻ ان موضوع تي بہ تفصيل سان ڳالهايائون. پوءِ زور سان مونکي چيائون، " ابوالحسن اڄ جي ڏينهن لاءِ اهو ڪافي آهي." مان حيرت مان وائڙو ٿي ويس.

☆☆☆

پنجين صدي هجريءَ جو اڌ اسلامي دنيا لاءِ فساد ۽ بيچينيءَ جو وقت هو. سياسي انقلاب ۽ گهرو ويڙهہ مسلمانن کي اخلاقي ڪاهين ۾ ڪيرائي وڌو هو. هر طرف بدعت ۽ فرقي واريت عام هئي. غير اسلامي عقيدن جي کلي عام نمائش ڪئي ويندي هئي. مدرسا کليل هئا، پر سبق نڙيءَ کان هيٺ نہ ٿي لٿا. ولي الله جا پوئلڳ موجود هئا، پر سندن دلين تي تالا لڳل هئا. اذانون تہ ٿي رهيون هيون، پر بلاول جو روح نہ هو. خانقاهون تہ عام هيون، پر پيغام نہ هئا. هر پاسي اونداهي ڇانيل هئي.

حضرت شيخ عبدالقادر نفس جو مسيحا ان وقت بہ مرده دلين کي جيئرو ڪيو ويٺو هو. سندن وعظ ڪري

ڪائنات جو ذرو ذرو جرڪي رهيو هو. پاڻ نہ فقط عام ماڻهن جي تربيت ڪئي، پر سندن فيض عام سان عالم، اوليائن بہ فيض حاصل ڪيو. پاڻ اهڙا صالح انسان تيار ڪيائون، جيڪي ڪائنات پوءِ اسلامي زندگيءَ کي زنده ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪندا رهن. هڪ اجڙيل باغ ۾ پاڻ نوان گل ۽ ٻوٽا پوکيائون. ان لاءِ کين محي الدين جي لقب سان نوازيو ويو، جنهن جي معنيٰ آهي دين کي جيارڻ وارو.

هڪ دفعي حضرت غوث اعظم کان ڪنهن پڇيو تہ پاڻ محي الدين جي لقب سان ڪيئن مشهور ٿيا؟

پاڻ فرمايائون تہ هڪ ڏينهن مان بغداد کان ٻاهر ويس. موٽيس تہ رستي ۾ هڪ بيمار ۽ بيحال ماڻهوءَ کي ڏٺم، جيڪو ڪمزوري ۽ لاچاريءَ ڪري هلي نہ ٿي سگهيو. جڏهن مان هن وٽ پهتس تہ هن چيو، "اي شيخ! مون تي ڌيان ڏي ۽ پنهنجي مسيحائيءَ مان مونکي طاقت ڏي." مان رب جي آڏو ٻاڏائي هن جي صحت لاءِ دعا گهري ۽ پوءِ هن تي دم ڪيو ۽ هو چڱو ڀلو ٿي ويو ۽ هن مون کان پڇيو، "عبدالقادر مون کي سڃاڻين ٿو؟"

" نہ!" مون جواب ڏنو.

" مان تنهنجي نانا سائينءَ جو دين آهيان. پوڙهو هئڻ ڪري اها حالت ٿي وئي آهي. الله تعاليٰ تنهنجي ڪري مونکي نئين حياتي ڏني آهي. تون محي الدين آهين."

مان هن کي ڇڏي مسجد ڏانهن هليو ويس. مسجد ۾ نماز ادا ڪيم، جيئن ئي سلام ورايم، هڪ ماڻهو رستي تان ڊوڙندو آيو ۽ رڙيون ڪري چيائين، "سيد محي الدين!" مان حيران ٿي ويس. منهنجي چئني پاسي ماڻهن جي پيهہ هئي، جيڪي "محي الدين" جا اپ ڏاريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا. ان کان اڳ ڪنهن مونکي ان لقب سان نہ سڏيو هو.

کين زماني جي ماڻهن جي ڪمزور عقيدي جي خبر هئي. پاڻ چاهيندا هئا تہ هي ماڻهو فقط نصيحت ڪرڻ تي مڙڻ وارا ناهن. هي ان کي ولي الله سمجهن ٿا، جيڪو کين ڪرامت ڏيکاري. پاڻ گهڻيون ڪراميون ڏيکاري انهن ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪيو هو. ان لاءِ سندن ڪرامتن جي گهڻائي منفرد آهي.

مشهور ولي الله شيخ علي ابن ابي نصر الهيتي بيان ڪن ٿا تہ مان پنهنجي دور ۾ ڪو اهڙو ماڻهو حضرت عبدالقادر کان وڌ ڪرامتون ڏيکاريندڙ نہ ڏٺو. جنهن مهل ڪو ماڻهو سندن ڪرامت ڏسڻ چاهيندو هو، ڏسي وٺندو هو.

شيخ الاسلام عزالدين عبدالسلام جو قول آهي تہ شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جون ڪرامتون جنهن ترتيب سان آهن، اهي ڪنهن ٻئي وليءَ جون ناهن. امام ابن تيميہ جو قول آهي تہ حضرت شيخ عبدالقادر جون ڪرامتون حد کان وڌي ويون هيون.

☆☆☆

561 هہ ۾ سندن عمر مبارڪ نوي سال هئي ۽ پاڻ 91 سال ۾ داخل ٿيا هئا. جنهن مقصد لاءِ الله تعاليٰ آسمان کان

ڏرتيءَ تي موڪليو هو. پاڻ اهو مقصد پورو ڪيو هئائون. آسمان جا رهندڙ سندن فراق ۾ پل پل ڳڻي رهيا هئا. جڏهن اهو مشن پورو ٿي ويو ته پاڻ وصال جون تياريون ڪرڻ لڳا. عمر جو 91 سال شروع ٿيندي ئي ڪين جسماني عضون ۾ بيچيني ۽ ڪمزوري محسوس ٿي، جيڪا اڳتي هلي ڪري اچا گهڻو وڌي وئي ۽ پاڻ بيمار ٿي پيا. اهو اشارو ان ڳالهه ڏانهن هو ته هاڻي سندن حقيقي محبوب کي جدائي گوارا نه هئي. سڏ ٿيڻ وارو هو. هتي به محبوب سان ملڻ جي جلدي هئي.

ويٺو آهيان، جيسين مونکي سڏ نه ٿو ٿئي!

ربيع الثاني 561هه ۾ جڏهن بيماريءَ جي ڪري سندن ڪمزوري ۽ بيماري وڌي وئي ته کين يقين ٿي ويو ته هاڻي دنيا مان وڃڻ جو وقت ويجهو آهي. پاڻ پنهنجي گهر ڀاتين کي گهرايو ۽ چيو ته هاڻي مان توهان کان وڇڙڻ وارو آهيان. هي پاڪيزه نفس رضا تي راضي رهڻ وارا هئا. روئڻ جو ته سوال ئي پيدا نه ٿي ٿيو.

سندن پٽ عبدالوهاب چيو، " بابا سائين مونکي اهڙي نصيحت ڪيو، جنهن تي مان توهان جي وصال کانپوءِ به عمل ڪيان."

پاڻ فرمايائون، " الله جي عبادت کي پنهنجي عادت بنائجان . ڪنهن کان به نه ڊڄ ۽ نه اميد رک. سڀ حاجتون الله جي حوالي ڪر ۽ ان کان ئي گهر. الله تعاليٰ کانسواءِ ڪنهن تي به ڀروسو ۽ اعتماد نه ڪر. پاڪ آهي اها ذات. توحيد تي عمل ڪر. توحيد ئي سڀني شين جو گلدستو آهي."

رحلت کان هڪ ڏينهن اڳ ۾

هڪ رات سندن وات تي هي ڪلما هئا. "وعليڪم السلام و رحمت الله و برڪاته. الله تعاليٰ مونکي بخشي ۽ توهان کي به. منهنجي توبه قبول فرمائي ۽ توهانجي به. بسم الله اچو ۽ موڪلائڻ کانسواءِ نه وڃو." سندن هڪ پٽ حال پڇيو ته فرمايائون! مونکان ڪير ڪجهه نه پڇي. مان اهو ئي آهيان. خدا جي راضپي جي لاءِ ٻاڏائي رهيو آهيان."

سندن پٽ شيخ عبدالجبار پڇيو ته حضور! ڪٿي سور ته محسوس نه ٿو ٿئي؟ فرمايائون ته دل مطمئن آهي، ان کانسواءِ سڀ عضوا تڪليف ڏين پيا.

وصال کان ڪجهه دير اڳ پاڻ تازي پاڻيءَ سان غسل ڪري عشاءِ جي نماز ادا ڪيائون. دير تائين خدا آڏو سجدي ۾ رهيا ۽ سڀ مسلمانن لاءِ هر هر اها دعا گهريائون:

اي الله! محمد مصطفيٰ ﷺ جي امت کي بخش ڪر.

اي الله! محمد ﷺ جي امت تي رحم ڪر.

اي الله! محمد ﷺ جي امت کي درگذر فرماءِ.

جڏهن پاڻ مٿي اٿيا ته غيب مان آواز آيو، " اي پاڪ انسان پنهنجي رب ڏانهن موٽي اچ. تون هن کان راضي آهي، هو توکان راضي آهي. بس منهنجي ٻانهن ۾ داخل ٿي ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿي."

ان کانپوءِ پاڻ بستري تي سمهي پيا. سڀ پٽ چوڌاري ويٺا هئا. پاڻ انهن سيني کي پري ٿي وڃڻ جو حڪم ڏنو. "مون وٽان پري ٿي وڃو. مان ڏسڻ ۾ توهان سان آهيان، پر باطني طرح ڪنهن ٻئي سان آهيان. منهنجي، توهانجي، سڄي خدا جي خلق ۾ ايڏو فاصلو آهي، جيئن زمين ۽ آسمان..."

ڪجهه دير ڪانپوءِ فرمايائون، "مون وٽ توهان کان سواءِ ٻيا ماڻهو به آيل آهن. انهن کي جاءِ ڏيو ۽ انهن جو ادب ڪريو. هتي وڏي ٻيهه آهي. هنن مٿان جاءِ تنگ نه ڪريو."

اهو چوندي ئي بيهوش ٿي ويا. اهي لفظ سندن وات تي هئا، " مان مدد ٿو گهران ان خدا کان، جنهن کانسواءِ ڪير به خالق ۽ معبود ناهي. جيڪو جيئرو آهي، ڪڏهن نه مرندو، نه هن کي مرڻ جو ڊپ آهي. پاڪ آهي اهو رب، جيڪو طاقت ۾ سيني تي غالب آهي. هن پنهنجي ٻانهن تي موت کي غالب ڪيو. نه ڪو معبود آهي الله کانسواءِ ۽ محمد الله جو رسول آهي."

ان کان پوءِ سندن آواز جهيڻو ٿي ويو ۽ سندن روح پرواز ڪري ويو.

وفات جي خبر جيئن گهر کان ٻاهر نڪتي هر طرف ڪهرام مچي ويو. آهه و زاريءَ کانسواءِ شهر ۾ ڪو آواز ٻڌڻ ۾ نه ٿي آيو. جيستائين اها خبر پهتي، ماڻهو چرين جيان علم جي چنڊ جيان جرڪندڙ هستيءَ جي زيارت ڪرڻ لاءِ سندن آستاني مبارڪ ڏانهن ڊوڙيا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هزارين ماڻهو گڏ ٿي ويا.

جنازو ڪنيو ويو ته هر زبان تي سندن چرچو هو. بغداد جي ڌرتي اهڙي شان وارو جنازو اڳ ڪڏهن نه ڏٺو هو. خلق جو ايڏو هجوم هو جو ڪنهن بادشاهه کي به اهڙو شان نصيب نه ٿيو هوندو. عقيدتمندن آلين اکين سان سندن جسد خاڪيءَ کي آخري آرامگاهه حوالي ڪيو. سندن يادن جو مرقد هر دل ۾ هميشه لاءِ جڙي ويو. باب ازج، بغداد ۾ سندن مزار مبارڪ اڄ به ڏسڻ وٽان آهي.

☆☆☆

## قول

☆ ڪتاب جواني ۾رهنمائي، پيڙهي ۾ تفريح ۽ اڪيلائيءَ ۾رفيق ثابت ٿين ٿا. (البيروني)

☆ وراثت ۾منفسلي ملي ته شرافت ڪي اپنايو. (بقراط)

☆ حڪمت هڪ وڻ آهي جيڪو دل ۾پيدا ٿيندو آهي، دماغ ۾ وڌندو آهي ۽ زبان تي فصل ڏيندو آهي. (حضرت علي رضہ)

☆ مرض جو پيءُ ڪير به هجي پر خراب خوراڪ ان جي ماءُ آهي. (جارج هربرٽ)

☆ جيڪو محنت ڪندو آهي اهو ناممڪن کي تسليم نه ڪندو آهي. (برائوننگ)

☆ خوبصورتيءَ کي پنهنجي اندر ۾ تلاش ڪريو،جو ته توهان کي خوبصورتي ٻئي ڪنهن هنڌ نظر ڪو نه ايندي. (ايمرسن)

غلام حيدر ڏلو (مورو)